




# سرگم جا ست رنگ

غزل

زاهد شيخ

نئون نياپو اڪيڊمي
سچل ڳوٺ، ڪراچي سنڌ

ڊجيٽل ايڊيشن:
2019ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”سرگم جا ست رنگ“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب نامياري شاعر ۽ راڳي **زاهد شيخ** جي غزلن جو مجموعو آهي. انعام سنڌي لکي ٿو:

”زاهد نہ رڳو شعر رچيندڙ پر ان سان گڏوگڏ ۽ شايد ان کان رتي بہ گهٽ نہ، هي ٻيجل جي ذات جو پڻ ڄاڻو آهي ۽ هڪ وڏي زماني تائين ڪنڌ ڪڪوريندڙ تہ نہ پر دليون ڏڪ ڏڪ ڏڙڪائيندڙ ۽ موهي ڇڏيندڙ شاعر جو تاج پنهنجي مٿي تي رکي هلندڙ آهي...

اسان جو زاهد ڄڻ نئون جيون وٺي پر، ڪلهہ جا هڙ گيت سراسر سنگيت ڪنو ڪري اپري آيو آهي...“

هي ڪتاب 2016ع ۾ **نئون نياپو اڪيڊمي سچل ڳوٺ، ڪراچي** پاران ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون نئون نياپو جي سرواڻ **انعام سنڌيءَ** جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي ۽ ٿورا پياري **زاهد شيخ** جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

سرگم جا ست رنگ
(غزل)
زاهد شيخ
انگ: هڪ هزار
ڇاپو پهريون: آڪٽوبر 2016
پاران: نئون نياپو اڪيڊمي،
سي-4، سچل ڳوٺ گلشن اقبال ڪراچي
Ph: 021_332624153, 34690389
Cell # 0333_2311582
**مُلهہ: 300 رپيا**

# ارپنا

مان پنهنجو هي ڪتاب دُنيا جي ٻن عظيم ترين آوازن سائين مهدي حسن ۽ سائڻ لتا منگيشڪر جي نانءِ ڪيان ٿو جن جي سَدا بهار آوازن کي ٻُڌڻ وقت مان پنهنجي وجود ۾ سچن سُرن جي سچائيءَ کي ڏاڍي گهرائيءَ سان محسوس ڪندو آهيان مان اِها پنهنجي خوش نصيبي سمجهان ٿو ته انهن جي دور ۾ پيدا ٿيس ۽ هي ٻه اَمر آواز ٻُڌم جي هنن جي دور کان اڳ ۾ پيدا ٿي مَري ويجان ها ۽ هي ٻه منڙا آواز نه ٻُڌان ها ته وڏو بدنصيب هُجان ها! هي ٻه آواز مونکي هميشه زندگيءَ جي هُجڻ جو احساس ڏياريندا رهيا آهن.

**زاهد شيخ**



## پبلشر جو نوٽ

**سنڌ** ۾ شاعري ازلئون هر عام ۽ خاص جي اظهار جي بهترين وِٿ رهي آهي... ماضيءَ جي ڳالهه ڪٽي ڪري بس ڪيون, پر حال ۾ ٻه اسان جا نج سنڌي حڪمران نه نه ڪندي به شعر ۾ پنهنجا خيال پڌرا ڪرڻ ۾ ئي جڙ سڦلتا سمجهن ٿا...

مثال طور ٻه دفعا وزير اعظم جي پد تي رسيل بينظير ڀٽو پڻ پنهنجي پاڻ هر تڙي ئي پر جلاوطنيءَ ۾ هڪ ڏکو نظم ”شاهه لطيف ۽ مارئي ملير جي“ لکي سنڌ جي ان پراٽي ريت کي پاٽي ڏنو:

ٻيو ته اسان جا وڏا وڏا سياستدان پڻ ان رنگ سان سلهاڙيل رهيا آهن جهڙوڪ : حيدر بخش جتوئي, رسول بخش پليجو ۽ شايد ٻيا پڻ ان واهڙ منجهان هنڙا ڏوئي چڪا هوندا جن بابت مونکي ڪٽي ڪل نه به هجي...

اسان وٽ رت ۽ خوشبوءِ ٻنهي اسڪولن جا شاعر موجود آهن: هڪڙا مارئي معنا وطن جي حب, مهانتا ۽ رسائيءَ واري جاکوڙ ۾ شعر چون ته ٻيا وري راڻو ڳائي پرينءَ کي پرچائڻ ۾ ماهر....

انهن ٻنهي اسڪولن جي ابي ڀٽائيءَ ڪيڏي نه سٺرائي ۽ سهنج سولائيءَ سان ٻنهي کي هڪ ڪري ڏيکاريو آهي:

سڄڻ ۽ ساٿيهہ ڪنهن اٿاسي وسري...
حيف تنين کي هوءِ، وطن جن وساريو

اڄ بہ اسان وٽ ٻنهي اسڪولن جا گيت عام جام واهپي منجهہ آهن، جن جي خاص سڃاڻپ آهن: شيخ اياز ۽ استاد بخاري

پر ڳالهہ اتي بہ دنگ نٿي ڪري گهڻو اڳتي وڌي ٿي وڃي ۽ هڪ هنڌ اهڙو پڻ اچي ٿو جتي ڪير ساٿيهہ بنا ٻي ڪا ٻولي نٿو ٻولي ان ئي زماني جو شاعر آهي اسان جو زاهد شيخ جنهن جا ٻول تہ اٽڪيا پر اُهي ٻول ڪير وساري:

”ننڍڙي ننڍڙي هٿڙي، ۾ اڄ ڳاڙهو ڳاڙهو جهنڊو آ“

۽ اهڙا انيڪ سڏ پڙاڏا ٻڌجي ويل سندس ٻهہ ٻهہ ٻول جن کان ڪن لاتار ڪرڻ سولي بہ ناهي...

۽ زاهد نہ رڳو شعر رچيندڙ پر ان سان گڏوگڏ ۽ شايد ان کان رتي بہ گهٽ نہ، هي ٻيجل جي ذات جو پڻ ڄاڻو آهي ۽ هڪ وڏي زماني تائين ڪنڌ ڪڪوريندڙ تہ نہ پر دليون ڏڪ ڏڪ ڏڙڪائيندڙ ۽ موهي ڇڏيندڙ شاعر جو تاج پنهنجي مٿي تي رکي هلندڙ آهي...

تان جو اڄ کان ڪي ورهيہ ٿيا جو سنڌ ۾ چئوڦير سانت سلهاڙجي وئي هئي ۽ سياست ڪنهن اونداهي ڪنڊ ۾ منهن هٽي چپ ڪري ويهي رهي هئي ۽ ادب ڪک پن ٿينڊي ٿيندي جو بچيو تہ، وري سڳنڌن جي هير گهلي ۽ سمورا ڪلهہ جا جر جر جر ڪندڙ ٿانڊاٽا ۽ ٻلهارپ جا جهرٽا انگاس تان وهي پيا ۽ سنڌ نئين سِر، سُر، ساز ۽ سياست سان نروار ٿي تہ، اهي ڪُل پاڳيا جي ڪلهہ جي سونهن هئا سي وسڪارن ۾ ڪنيين جان اپري آيا آهن...

اسان جو زاهد پڻ جڻ نئون جيون وٺي پر، ڪلهہ جا هڙ گيت سراسر سنگيت ڪنو ڪري اپري آيو آهي...

نئون نياپو هميشہ سنڌ پرستيءَ جي سنيهي جو ساٿاري رهيو



www.sindhsalamat.com

آهي ۽ رهندو...

ان ئي سلسلي جو هي هڪ هارُ، زاهد جا ڪتاب لڳاتار

1. جيون گيت خوشيءَ جا
2. سرگم جا ست رنگ

زاهد شيخ جي مڙوئي ميڙي چونڊي جيون جي ڪل ميراث نئون نياپو اوهان لاءِ هڪ کان پوءِ ٻيو ڪتاب پڌرا ڪندو هلندو...

ساڳي پراٽي آس تي تہ، شل ڪو ڪتاب يا ڪنهن ڪتاب جي ڪا سٽ سنڌوءَ ۾ رتوڇاڻ جي چولي ٻڌجي پوي ۽ جهنگ جهر مان جهانگي ڪر موڙي اٿن ۽ اٽڪٽ رات کي چير اچي پوي...

زاهد شيخ جو ڪتاب اوهان جن هٿڙن ۾ اچي ويو آهي. ان بابت پنهنجي پورَ پچار کان نئون نياپو ۽ زاهد شيخ کي ڄاڻٽهار ڪندا هلندا تہ ٻئي... زاهد ۽ نئون نياپو ان کي پنهنجي سڦلتا سمجهندي وڏي همت، جوش ۽ جذبي سان اڳتي وڌندا هلندا ۽ نوان نوان گيت ۽ سنگيت جا جهرٽا اوهان کي آڇيندا رهندا...

اوهان جو
**سنڌي انعام**



www.sindhsalamat.com

# پنهنجي پاران

***دوستو!*** "نئون نياپو اڪيڊمي ڪراچيءَ پاران مُنهنجو هي ٻيو ڪتاب "سرگم جا ست رنگ" اوهانجي هٿن ۾ آهي، هن ڪانپوءِ ٻارنهن ڪتاب ٻيا بہ آهن جن کي ڇپائڻ جي لاءِ بہ نئون نياپو جي اڳواڻ ياءُ سنڌي انعام پکو پهہ ڪيو آهي اُميد تہ اُهي ڪتاب بہ وقت سر ڇپجي اوهانجن هٿن تائين ضرور پهچندا.

مون شاعريءَ جي شروعات سال 1975ع کان پرائمري تعليم دوران ڪئي هُئي جيڪو سلسلو سال 1996ع تائين ڏاڍي تيزيءَ سان هليو پر اُن ڪانپوءِ ذاتي زندگيءَ ۾ ڪُجھ اهڙا ڏکيا موڙ آيا جو لکڻ پڙهڻ کي ٽائيم ڏيڻ منهنجي لاءِ مُشڪل ٿي پيو پر پوءِ بہ ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان ڪجھ وقت ڪڍي ٿورو ڪي گهڻو لکندو رهيو آهيان پر حقيقت ۾ مون گهڻي شاعري ڪاليج ۽ يونيورسٽيءَ جي شاگرديءَ واري دور ۾ ڪئي هُئي جنهنکي هاڻي جڏهن ترتيب سان فيئر ڪيو اٿم تہ ٻاراڻي شاعريءَ جي ڇئن مجموعن سميت ٽوٽل چوڏهن ڪتاب ٿيا آهن جن کي هاڻي ڇپائي هٿيڪو ڪرڻ چاهيان ٿو ۽ اِهو ڪم ڏاڍي پيار ۽ پنهنجائپ سان ياءُ سنڌي انعام پنهنجي هٿن ۾ ڪنيو آهي. پر اِن سلسلي ۾ اوهان سيني پڙهندڙ دوستن بہ موسان ڀرپور ساٿ نڀايو آهي. مُنهنجا ڪتاب خريد



ڪري پڙهو ٿا ۽ پنهنجي راءِ کان آگاهہ ڪيو ٿا اِن لاءِ مان اوهانجا جيترا بہ ٿورا مڃان گهٽ آهن پر هِن ڪتاب جي باري ۾ هڪ اهم ڳالهہ ڪرڻ تمام ضروري ٿو سمجهان تہ هن ڪتاب "سرگم جا ست رنگ" کي جلدي ڇپائڻ جي لاءِ مُنهنجي نهايت ئي پياري دوست الله ڏني عُرف اي.ڊي مهر جنهن سچائيءَ سان مُنهنجو ساٿ ڏنو آهي سندس اُن ساٿ ۽ سَهڪارَ جي سچي جذبي کي مان ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندس. حقيقت ۾ مُنهنجي اِها خوش نصيبي رهي آهي تہ مونکي زندگيءَ ۾ ڏاڍا سُٺا دوست مِليا آهن ۽ اِهي پيارا دوست ئي منهنجي زندگيءَ جو وڏي کان وڏو سرمايو آهن جن پنهنجي سچي ساٿ سان هميشہ مونکي اڳتي وڌڻ لاءِ اُتساهہ ڏنو آهي اُميد اٿم تہ سنگت جو اِهو ساٿ سدائين سلامت رهندو ۽ اِن سچي ساٿ سان گڏ پنهنجي سنڌ بہ سدائين سلامت رهندي.

اوهانجو پنهنجو

**زاهد شيخ**

ڪراچي سنڌ
موبائيل نمبرز: 03363500030_ 03042389924

ٹُنهنجا مُنهنجا ساهہَ سهارا سارا بيت ڀٽائيءَ جا—
هر ڪنهن پياريءَ شيءَ کان پيارا سارا بيت ڀٽائيءَ جا—

عشق اُلا تي اُڀري ڀيو آ ڀٽ ڏٺيءَ جي ڀٽ مَنجهان،
رَنگ نِيارا نِينهن نظارا سارا بيت ڀٽائيءَ جا—

تَندُ تنوارون پريت پَچارُون باغ بهارو سِنڌُ سڄي،
ٿر وسڪارا ٻنيون ٻارا سارا بيت ڀٽائيءَ جا—

علم عقل ۽ سونهن جي ساگر جي هر لهر پُڪاري ٿي،
ٻُڏندي ٻيڙيءَ لاءِ ڪنارا سارا بيت ڀٽائيءَ جا—

موجَ ڀري مهراڻ جي هر ڪنهن چوليءَ ۾آ شاهه لطيف،
سنڌ نديءَ جا ڀاڱ ڀلارا سارابيت ڀٽائيءَجا—

راتيون ڪيئن نہ روشن رهنديون ڀٽ ڏٺيءَ جي ڀونءِ مٿان،
وايون آهن چَندَ، سِتارا سارا بيت ڀٽائيءَ جا—

دنيا لاءِ دعائون ٿي ڀيا اهڙا لفظ لطيف لکيا
جڳ سڄي جا جيءَ جيارا سارا بيت ڀٽائيءَ جا—

ڪَٿُ ڪي پنهنجي رٿُ ڏيان ٿو ڀوءِ بہ زاهد سوچُن ڪي
ڏاڍي ڏين ٿا سگهہ سگهارا سارا بيت ڀٽائيءَ جا—



تون پُڇين ٿو تہ ڪيئن ٿي ٿئي شاعري—
دانهن دل جي ٿي ٻڌجي ٻيهي شاعري—

ذهن جي سَگهہَ ۽ رُوحَ جي رڙ بہ آ،
چاهہَ جو چَسُ ڀئي ٿي ڏِئي شاعري—

ساهہ مان سَچُ نڪري ٿو نيپوڙجي،
آب امرت تڏهن ٿي پيئي شاعري—

جبر سان جنگ جوٽي ٿا جيڪي لکن،
ٿي اُنهن شاعرن جي جيئي شاعري—

شاعريءَ جي تہ زاهد سچي عشق ۾،
مون آهي شاعريءَ تي ڪئي شاعري—

جو ٿو گهري سوچَ رکي سو شاعر آ—
جو ٿو جَڳ جا درد لکي سو شاعر آ—

جو لفظن جا گوريلا هٿيار ڪڻي،
هر ظالم سان جنگ وڙهي سو شاعر آ—

ماڻهن کي اُميدن واريون مُرڪون ڏئي،
جو روئندن جا لُڙڪ اُگهي سو شاعر آ—

جيڪو هر ڪنهن روح جي اندر ۾ ويهي
هر ڪنهن دل جي دانهن ٻُڌي سو شاعر آ—

حُسن شناسيءَ واري ديد رکي جيڪو،
پيار جا پيارا دَرسَ ڏئي سو شاعر آ—

شاعر تي ڪجھ رحم ڪيو او بي رحمو،
ڏک ڏِيو ٿا جنهن زاهد کي سو شاعر آ—



www.sindhsalamat.com

مُنهنجي قلم جيڪا ڄَڻي شاعري—
پٿائيءَ جي پيرن پَڻي شاعري—

مان پاليان پَيو ذِهن جي هَنجَ ۾،
پنهنجي نينگري پَدمڻي شاعري—

لِکيم ٿورڙي پر لِکيم روحَ سان،
ڪري ڇا ڪندُس مان گهڻي شاعري—

مُنهنجي شاعري دَردُ آ سِنڌُ جو،
تڏهن سِنڌُ کي آ وَڻي شاعري—

اي سنڌوءَ جون ڇوليون سنڀالي رکو،
وجو مون وٿان هي ڪڻي شاعري—

جڏهن ٿر تي زاهد وسن مينهن ٿا،
نهي ٿي پوي هر ڪڻي شاعري—



www.sindhsalamat.com

پهر پهر جو ڪڙو زهر آ مگر ٿو مُرڪي پيئان مان زاهد—
اڪين جو پاڻي جهلي جهلي ٿو ڏڪن ڪي لوليون ڏيان مان زاهد—

پرين وفا آ پرين دُعا آ مان ڪنهن سان پيٽيان پرين پرين آ
تڏهن جيئان ٿو جڏهن وجي ٿو پرينءَ جي پرسان بيهان مان زاهد—

هي دل ٿي چاهي وِڪون وڏائي غمن ڪي جيڪو چڏي گهٽائي،
ڏڪن ۾ورتل سين دلين جو ڪو ڏڍ اهڙو ٿيان مان زاهد—

اڪيون ٿيون اُبرن اندر ٿو وَڍجي، جگر جلي ٿو تڏهن ٿو تڙپان،
غريب جي گهر ننڍن ٻچن جون ٻُڌان جڏهن ٿو ريهان مان زاهد—

اُٿيا بہ آهن، وَڏيا بہ آهن، رُڪيا بہ ناهن، جُهڪيا بہ ناهن،
اُنهن جي خاطر لِکڻ گُهران ٿو اُنهن جي لئہ ٿو جيئان مان زاهد—



مِٺيون ڪارڪون ۽ ٿڌو جر جو پاڻي—
وِساري سگهان ئي نٿو شاهہ لڌاڻي—

پنهنجي ڳوٺ جي سِڪَ ڏاڍي لڳي ٿي،
ولر ڪان پري دل رهي ٿي ويڳاڻي—

هي پنهنجن جي هوندي بہ پنهنجن جي ناهي،
ڪراچيءَجي ڪهڙي پُڇو ٿا ڪهاڻي—

اوهان ڪان جُدا هر گهڙي ايئن گُذاريم،
گنيمُ ساهہُ پئي پر هُئي جان ساڻي—

پُراڻن لٽن جهڙي ٿي وئي اسانجي،
حياتي بہ هاڻي پُراڻي پُراڻي—

وڏا ڀاڳ ڀايان جي زاهد ملي پئي،
مٺيءَ مُرڪ سان گڏ نظر ڪا نماڻي—

"شاهہ لڌاڻي" منهنجي ڳوٺ جو نالو.

جبر سان جنگ جو اعلان ڪبو ڇو نہ ڪبو—
آزاد ظلم کان انسان ڪبو ڇو نہ ڪبو—

اي سنڌ تُنهنجا شهر قهر کان ڪبا آجا،
ٽرن برن ڪي گلستان ڪبو ڇو نہ ڪبو—

ڏکن بکن جي عذابن ۾ ٿا جلن جيڪي،
انهن جي درد جو درمان ڪبو ڇو نہ ڪبو—

جو پنهنجي قوم جي عزت لئہ جان گهوريندو،
قبول اُن جو هي احسان ڪبو ڇو نہ ڪبو—

نمڪ حرام آهن جيڪي سِنڌُ ڌرتيءَ جا،
انهن جي واٽ ڪي ويران ڪبو ڇو نہ ڪبو—

جي پوڙها ٿي بہ وياسين تہ ڏاتِ سان زاهد،
دلين ۾ جوش ڪي جوان ڪبو ڇو نہ ڪبو—



نہ وڙهجانءِ سمنڊ واسين سان ڏکايل ٿئي ڏکائيندئي—
مَلاحن سان متان اٽڪين سَڄي هستي مِٽائيندئي—

مُهاڻن ميربَحرن ڪي مِٽيءَ هاڻو ڏِسين ٿو پر،
مڇيرا جي مَڇر جي پيا مُڏي ڪاتي وهائيندئي—

صدين کان هي سَچا ماڻهو درياهہ جا دادلا آهن،
ڪندين جي وار سنڌوءَ تي سِڌيون گوليون هلائيندئي—

جيڏا سادا ڏسين ٿو اوترا ارڏا ۽ اوکا ٿئي،
نِپائيندين نِپائيندئي ڦِٽائيندين تہ ڏاهيندئي—

مُحبت ۾ مُهاڻن جو ڪڏهن مهمان ٿي ڏس تون،
وساري ڪو نہ سگهندين جا مَڇي ماني ڪارائيندئي—

صدين کان سمنڊ جي ٻيٽن ۾ آهي ساهہ سنڌين جو،
ڪنارن کان ڪجانءِ پاسو، ستايل سِرُ وڃائيندئي.

آ سنڌي قوم جي زاهد سُڄاڳي تنهنجي گيتن ۾،
سڄڻ آهين سڀن جو تون، سڀئي سيني سان لائيندئي.

ڪراچي سمنڊ جي ٻيٽن جي نيلاميءَ کان متاثر ٿي لکيل.

اڇي ٿو جو بہ کھاٽي چڙي ھليو ٿو وڃي—
اکين ۾ درد جو پاٽي چڙي ھليو ٿو وڃي—

صُبح جي سوچ ڪٽي جو بہ گھر مان نِڪري ٿو،
سو شخص رات جي راٽي چڙي ھليو ٿو وڃي—

سَفرَ ۾ جو بہ مُسافر نہ ماڳ تي پھتو،
ڪائي اُميد نِماٽي چڙي ھليو ٿو وڃي—

وڏي عذاب جي آڙاھہ مَنجھان گُذري ٿو،
جڏھن ڪو پونءِ اباٽي چڙي ھليو ٿو وڃي—

مِلن ٿا رَتُ جي رشتن ڪان درد زاھد کي،
تڏھن تہ شاھہ لڏاٽي چڙي ھليو ٿو وڃي—

”شاھہ لَڏاٽي“ منھنجي ڳوٺ جو نالو.



ھن پھر ۾ ئي ھر خوشي آھي—
ھي پھر ئي تہ زندگي آھي—

جا گذر ٿي وئي نہ آ ورڻي،
جا پنھنجي آ سا ھيءَ گھڙي آھي—

پنھنجي پَلَ پَلَ کي پيار ڏي پنھنجو،
تنھنجي دل سان جي دوستي آھي—

ھا اُھو من سُکون جو گھر آ،
جنھن جي جيون ۾ سادگي آھي—

خَواھِشُن کي گُھٽو ڏئي جيئڻ،
صاف تصوير موت جي آھي—

اھڙي انسان کي نہ خلقين ھا،
جنھن لئہ خلقي تو بيوسي آھي—

پيار مظلوم ساڻ آ زاھد،
منھنجي ظالم سان دشمني آھي—

کڏهن ها ۽ کڏهن ننهن جي اشارن کي ته سمجهايو—
اکيون ڊاري پيا ماريو خمارن کي ته سمجهايو—

وَني دل کي ڪڙو چاڙهي ڪرن تا قيد زلفن ۾،
پرينءَ جي سونهن ۾ آيل نِکارن کي ته سمجهايو—

ڏِنُم هر سال اوسيئڙو پکين جي لاءِ ڪينجهر جو،
سِڪي ٿو ساهُ! ڪونجن جي قطارن کي ته سمجهايو—

ڪٿان سي نانگ آڻي ۽ وجهي ماري مَٽن اندر،
مِٽي موکي چوي بيٺي مَتارن کي ته سمجهايو—

چمڪ سان چاهه منهنجي کي چڪين ٿا پاڻ ڏي زاهد
”ڦٿائن نندبِ ٿا منهنجي ستارن کي ته سمجهايو—“

هي غزل 1980ع ۾ هڪ طرحي مشاعري پاران مليل طرح تي لکيو هيم.



منهنجو توساڻ جو به پل آهي—
ڪو نظم آهي ڪو غزل آهي—

سو امر گيت آ سَچو جيڪو،
تنهنجي تعريف سان پريل آهي—

ڪنهن نه ڪنهن خوشنصيب کي ملندو،
جو به ڳاڙهو ڳٿول ڳل آهي—

عشق جنهن جنهن ڪيو سچيءَ دل سان،
ڪو پٺائي آ ڪو سچل آهي—

درد چاهي ڪڏهن پُڇو اُن کان،
گهاءُ جنهن کي وڏو لڳل آهي—

جيستائين آ زندگي زاهد،
ميلو رکڻو پرين مَتل آهي—

اُٺو اُميد جو پيغام ڏيو وڏندا هلو يارو—
سَلامت قافلو پنهنجو رکو هلندا هلو يارو—

مِٽي آ ديس جي مِٽي جيئاري ٿي جيئاريندي،
مِٽيءَ سان نينهن جو ناتو رکي نچندا هلو يارو—

اسان جي واٽ ۾ ويري وڏا مقتل سَجائن ٿا،
پَري باهيون بَدن ۾ مَچَ ٿي مَچندا هلو يارو—

حياتي گهورڻي ناهي حياتي گهارڻي آهي،
جيئڻ جا ڍنگ هر کنهن رنگ مان سِکندا هلو يارو—

اچي ٿيندا سيئي زاهد اسان جي ساٿ جا ساٿي،
مِٽن مارُن ميهارن سان مِٺا ملندا هلو يارو—



www.sindhsalamat.com

جواني مَست آ مَدهوش آ مَخمُور آ سائين—
جواني نينهن جي بي حَد نشي ۾ چُور آ سائين—

پُڇايان ٿو ٻڌائي کو کٿي آهي کڏهن ملندو،
جو منهنجي سِر جو سائين آ سو مون کان ڏور آ سائين—

اندر ۾ آ اثر جنهنجو نظر ۾ آ نشو اُن جو،
اکيون اُن لئہ نهارن ٿيون اکين جو نور آ سائين—

تون ئي تون آن تون ئي رهندين تون ئي تون ۾ جيئان ٿو مان،
وڃان کاڏي کيان مان ڇا هي دل مجبور آ سائين—

جي دل جا حال اوريندس تہ جَڳ ۾ راڄ روئيندا،
نہ کوليو يار زاهد کي سَڄو ئي سُور آ سائين—



www.sindhsalamat.com

ڳالھ رُڳو ڪرڻي ناهي پر ڪم بہ سائين ڪرڻو پوندو—
هر جابر جي سِرَ تي جاني ٻارڻ ٻڻجي ٻَرڻو پوندو—

سوچ سگهاري ڪرڻي پوندي خوب تياري ڪرڻي پوندي،
ويڙهيچن جي هر ويڙهي ڏي واهُر ٻڻجي ورڻو پوندو—

هٿ لکين گڏ ڪرڻا آهن — پوئتي پير بہ ورڻا ناهن،
ڏاڍ ڏمر جي هر ٽڪر کي ڏاري وانگر ڏرڻو پوندو—

نانگن سامهون ٽيڻو آهي — اڻتر ٻڻجي ٻيهڻو آهي،
عشق چوي ٿو سمنڊ ڏکن جو ترڻو آهي ترڻو پوندو—

سنڌ امڙ آ سنڌ تي پالي، سنڌ جي دم سان ساھ کڻون ٿا،
سنڌ جي هر دُشمن کي زاهد مرڻو آهي مرڻو پوندو—



روشنين جو شهر ٻڻجي ويو انڌيرن جو شهر—
هي شهر پنهنجو آ پر سڏجي ٿو غيرن جو شهر—

ڳالھ ڪا ناهي ڳُجهي تاريخ لکجي ٿي پئي،
ڪنهن ٻڻايو آ ڪراچيءَ کي لُٽيرن جو شهر—

رات جي تن رهزنن ڪان هيل ونڻو آ حساب،
جن اُجاڙيو سنڌ جي دلڪش سويرن جو شهر—

سڏ هڪڙي ساڻ گڏبي سنڌ جاڳي ٿي سڄي،
ڪيئن کسيندين تون دليرن ڪان دليرن جو شهر—

سنڌ جي هر ڳوٺ جي هر ذات غيرت مند آ،
هر شهر زاهد آهي مُڙسن مٿيرن جو شهر—

پَنهنجن جا پاڻ ۾ اَڄُ تڪرار ٿي پيا—
سَردار سنڌ دشمن نِروار ٿي پيا—

ماڻهو تہ ڇا ڪُتا بہ وفادار سنڌ جا،
پوتار پر اسانجا غدار ٿي پيا—

رهبر جي روپ ۾ ڪو رهزن نٿون ڪپي،
آزاد هاڻي سوچون ويچار ٿي پيا—

هي قافلو آ سَچَ جو ماڻيندومنزلون،
گڏ پاڻ ساڻ ماڻهو مَننار ٿي پيا—

مايوس ناهيون جنگ ڪندؤ جنگ ڪنداسين،
زاهد اسان جا حوصلا هالار ٿي پيا—


www.sindhsalamat.com

چاھہ سان چاھہ جي رهندو تہ چاهتون مِلنديون—
روح سان روح جي رلبو تہ راحتون مِلنديون—

مون تہ پوڄا پئي ڪئي سونهن جي سوچيو بہ نہ هو،
موٽ ۾ پيار جون ايڏيون مَراعتون مِلنديون—

مان تہ سائل آهيان ٿُنهنجو ۽ رهڻ ٿو چاهيان،
تون مُحبت جو سخي آن سَخاوتون مِلنديون—

جاءِ جيءَ ۾ جي ڏيو ٿا تہ اسان ڪان بہ پرين،
عمر پر لاءِ اوهان ڪي صَداقتون مِلنديون—

ڪوئي جابر ڪوئي جلاد نہ بَچندو باقي،
برھہ جا باز ٿا جاڳن بغاوتون مِلنديون—

عشق پنهنجي ۾ ايڏي سگھہ ٿو سَمجهان زاهدَ،
حُسن ڪان قرب جون بيحد عنايتون مِلنديون—


www.sindhsalamat.com

سِجُ اُپريو آ تون بہ آءُ پرين—
آڻ کوهير ۾ هُڳاءُ پرين—

تون ڪا مرهم جي مهرباني ڪر،
جو مِليو تنهن ڏنو آ گهاءُ پرين—

پيار مَحشر تائين مِٺو رهندو،
نينهن کي ٿو ڪپي نياءُ پرين—

اوترو ئي عظيم آهين تون،
تو ۾ جيڏو آهي جُهڪاءُ پرين—

تون ئي تون ۾ ٿي گُم ويو زاهدُ،
تو سان اهڙو لڳو لڳاءُ پرين—



سمنڊ چنڊ ۾ تون مون لاءِ—
امرت جون اوتون مون لاءِ—

ڪيڏيون سانڍي آنديون ٿئي،
جوڀن جون جوتون مون لاءِ—

سُهڻي تنهنجي سُندرتا،
ساري آ سوچون مون لاءِ—

تنهنجون مُرڪون ٿهڪ ٻٽيا،
گيت غزل وايون مون لاءِ—

زاهدَ ڪيڏيون جوڙي ٿي،
جيءَ ۾ هوءَ جايون مون لاءِ—

ٿـا پـاڻ کـي پـڏائـن مـاڻـهـو عـجـيـب آهـن–
ڇا هـن؟ الائـي ڇا هن مـاڻـهـو عـجيب آهـن–

پنهنجي وطن کي وڪڻي پنهنجي ئي قوم آڏو،
سـورهـيـہ پـيـا سَـڏائـن مـاڻـهـو عـجـيـب آهـن–

پـيـرن ۾ ٿـا ڪـرن پـر پـيـرن ڪـڍڻ جي خاطر،
ڪنهـن جا بہ يـار نـاهـن مـاڻـهـو عـجـيـب آهـن–

جـيـڪـي مِـلـڻ ڪِـلـڻ ۾ ڏاڍا مِـٺـا لڳـن ٿـا،
ڪنهن سـان نـٽـا نـپـائـن مـاڻـهـو عـجـيـب آهـن–

سُرَ ۾ بہ ڪـو نـہ آهـن گُـر ڪـان بـہ غـيـر واقـف،
پـر پـوءِ پـي ٿـا ڳـائـن مـاڻـهـو عـجـيـب آهـن–

هـر پـل هـي زنـدگـيءَ جـو آپـيـار لاءِ زاهـدَ،
ٿـا نـفـرتـون وڏائـن مـاڻـهـو عـجـيـب آهـن–



www.sindhsalamat.com

ڪِـلـي ٿـي ڏِسـي جـي اگـر ڇـوڪـري–
تـہ دل تـي ڪـري ٿـي اثـر ڇـوڪـري–

خبر ئي نٿي پئي تہ مِـنٽـن ۾ ڪـيـئـن،
وڃي من ۾ نـاهـي ٿـي گـهـر ڇـوڪـري–

جـڏهـن ٿـي انـدر ۾ ويـهـاري ڇـڏي–
تـہ نـاري ڇـڏي ٿـي انـدر ڇـوڪـري–

سـفـر زنـدگـيءَجـو وڻـي ٿـو تـڏهـن،
ٿـئـي ٿـي جـڏهـن هـمـسـفـر ڇـوڪـري–

لڳـي ٿـو تـہ جـنـت گُـهـمـڻ ٿـو وڃـان،
جڏهن گهر جو ڪولي ٿي در ڇـوڪـري–

سـنـواري ڇـڏي ٿـي سـجـي زنـدگـي،
جـي دل سـان بَـڻـائـي ٿـي ور ڇـوڪـري–

آ سُـهـڻـي تـہ هـر ڪـا مـگـر دوسـتـو،
وفــادار آهــي نـــہ هــر ڇــوڪــري–

نـہ دنـيـا ۾ ڪـنـهـن سـاڻ دل ٿـي لڳـي،
ڪـري ٿـي جـڏهـن دربـدر ڇـوڪـري–

پـلـي سُـورَ ڪـيـڏا بـہ زاهـد ڏئـي،
وڻـي ٿـي سـيـن ڪـي مـگـر ڇـوڪـري–



www.sindhsalamat.com

دل کي دلبر ٽُنهنجي دوري ماري ٿي—
چاهت جي مِنٿڙي مجبوري ماري ٿي—

ساٿ بہ تنهنجو خواب هُيو ۽ خواب رهيو،
رهجي ويندڙ آس اڌوري ماري ٿي—

جُهور ٿيڻ کان پوءِ تہ جهيڙو ٿي وڃبو،
جوڀن ۾ هر ڪاري ڀوري ماري ٿي—

سو انسان مرڻ کان پوءِ بہ جيئي ٿو،
جنهن کي سچ جي ڏوهہ ۾ سوري ماري ٿي—

ڏينهن بہ دوزخ جهڙا گُذرن ٿا زاهد،
هر ڪا رات بہ آ تندوري ماري ٿي—



ڏنو تو بہ مون کي مِٺو چاهہ آ—
تڏهن يار توڏي سُريو ساهہ آ—

اکيون جَن مِلايون سي کُسجي ويا،
نظر تنهنجي اهڙي قتل گاهہ آ—

پرين پيار سان تون کندين رهبري،
منهنجي عشق جو تو ۾ ويساهہ آ—

نٺو پيار جيکو ٻين کي ڏئي،
اُهو پيار جي ٻُک ۾ پاهہ آ—

کو ڊاهڻ سان زاهدَ نہ ڊاهي سگهيو،
محبت دلين جو اُهو ناهہ آ—

سڄي حياتي خُمار تنهنجا،
نصيب ٽيٽا ها پيار تنهنجا،

هوا کي هُٻڪار ڏئي ڇڏن ٿا،
جڏهن بہ وڪرن ٿا وار تنهنجا،

حڪم ڪريو ٿا هليا اچئون ٿا،
اسان تہ آهيون اي يار تنهنجا،

وڏو هي اعزاز آ اسان لئہ،
عمر سڄي اعتبار تنهنجا،

وڏيون اُميدون ڏين ٿا زاهدَ،
حسين سوچون ويچار تنهنجا،



www.sindhsalamat.com

اصول عشق ۾ رکڻو اِهو پڪو آهي،
جي پيار ٿي وڃي تہ پوءِ نڀائبو آهي،

ساڄاءِ جاتي مُحبت جي ابتدا ٿي هئي،
ساڄاءِ اَڄُ بہ منهنجي پيار جو ڪعبو آهي،

نظر مِلائي ڪِلي هوءَ تہ موڪلائي وئي،
يڪو مون روح پنهنجو تڙپندي ڏِٺو آهي،

بيهي پهاڙ تان جن کي بہ پيارَ اُڇليو آ،
انهن جي زندگي چاهت جو مُعجزو آهي،

هو مون سان آخري ڀيرو جتي مِلي زاهدَ،
اُها ئي جاءِ مُنهنجي قبر جو قطبو آهي،



www.sindhsalamat.com

مان اوهان کي حُضورُ چاهيان ٿو—
پل ٻہ هِڪڙو نہ ڏور چاهيان ٿو—

وچ مان پردو پرين هَٽائي ڇَڏ،
مان ٻہ موسىٰ جو طورُ چاهيان ٿو—

آءُ تہ هڪبِئي کي حياتيون ارپيئون،
چاهتُن جو شعورُ چاهيان ٿو—

جنهن ۾ تو کان جُدا پَوي جيئڻو،
اهڙي جنت نہ مُورُ چاهيان ٿو—

منهنجي هر کا گهڙي هُجي تو لئہ،
ايترو مان ضرور چاهيان ٿو—

سونهن ساهن ۾ سمائي زاهدَ،
ساهہ جي لئہ سُرورُ چاهيان ٿو—



امير ماڻهو غريب ڳالهيون—
عجيب ماڻهو عجيب ڳالهيون—

اسان کي پنهنجا حَبيبَ گُهرجن،
رقيبَ ڏين ٿا رقيب ڳالهيون—

اُتي اُتي ٿا نصيب اُجڙن،
جتي جتي بدنصيب ڳالهيون—

نهن اسانجا کي پاڳ جَن سان،
ٿين کي اهڙيون نصيب ڳالهيون—

کجن تہ دل سان کجن اي زاهدَ،
ويهي دِلين جي قريب ڳالهيون—

دم دم دل ۾ هُو هُو هُو آ—
هو جيڪو روحَ جو راجُو آ—

تيسين رهبو جيسين مَن ۾،
رَهڻو اُن جو رُو رُو رُو آ—

ايئن هو آيو ايئن هَليو ويو،
جيئن هوا ۾ جُهو جُهو جُهو آ—

جيونُ جَڻُ ڪنهن جادوگر جو،
انتر منتر چُو چُو چُو آ—

آدَم اندر آدمُ ساڳيو،
ڪو زاهدُ آ ڪو ساڌُو آ—



هو جن تي ناز هِنَ دل کي اُهي دلدار وڇڙي ويا—
تڏهن کان روئي تڙپي ٿو جڏهن کان يار وڇڙي ويا—

آيو طوفان ڪو اهڙو چمن جو رنگ مَٽجي وِيو،
گُلن سان خار گڏ آهن وڻن کان ڏار وڇڙي ويا—

انڌيرو ئي انڌيرو آ غمن جو روز گهيرو آ،
اڪيلائن اُجاڙيو آ مِٺا منٺار وڇڙي ويا—

ٿُنهنجا ديدارَهوندا ها وڏا هُبڪارَ هوندا ها،
خوشيون گُم ٿي وَيون ساريون سيئي سينگار وڇڙي ويا—

انوکو سات آ زاهدَ عجب جهڙو هي رشتو آ،
پرين گڏ آ مگر مون کان پرينءَ جا پيار وڇڙي ويا—

مَن ۾ ھھڪڙو ٻار جيئي ٿو—
جنھن وٽ تنھنجو پيار جيئي ٿو—

اُن جي دل مان پيار مَري ويو،
جنھن وٽ ڪاروبار جيئي ٿو—

جيڪو جيءُ آ تنھا تنھا،
ڪيڏو سو بيڪار جيئي ٿو—

ٻَر ۾ ڪندا ڏسندي ھر ڪو،
گُل ٿو روئي خار جيئي ٿو—

تو بن ايئن جيئي ٿو زاھدُ،
ٻَر ۾ جڻ بيمار جيئي ٿو—



www.sindhsalamat.com

ھَر ڪو پَنھنجي ڳالھ ڪري ٿو—
ڪو ٻہ نہ ڪنھنجي ڳالھ ڪري ٿو—

جيڪو آھي اَھنجو ماڻھو،
سو ئي اَھنجي ڳالھ ڪري ٿو—

ھر ڪو ماڻھو پنھنجي پنھنجي،
ڪنھن مُحسن جي ڳالھ ڪري ٿو—

سو ئي اُن جي مَن ۾ آھي،
جيڪو جنھنجي ڳالھ ڪري ٿو—

سڀ کي سمجھائڻ لئہ زاھدُ،
ڪيڏي سَھنجي ڳالھ ڪري ٿو—



www.sindhsalamat.com

بَچو شَر پَسندَن جي شَرَ کان بَچو—
نَظر ٿا رَکو بَد نظرَ کان بَچو—

جتي عزتِ نفس مَجروح ٿي،
اُتي کَسُ ڪائو ڪٿر کان بَچو—

فرشتا بہ سجدا اوهان کي ڪندا،
بُري هَر بَشر جي اثر کان بچو—

اوهانجو نہ جيڪو هُجي هم خيال،
حياتيءَ ۾ اُن همسفر کان بچو—

وجو جنهن شهر ۾ تہ زاهدَ اُتي،
دغاباز ماڻهوءَ جي دَر کان بچو—



لِڪي لِڪي تو پَري کان پرين سلام ڪيو—
اسان بہ سِرَ کي جُهڪائي آ رام رام ڪيو—

مُحبتن کي مذهبن ۾ چو وِرهائين ٿا،
اُتو سُجاڳ ٿيو هي سوال عام ڪيو—

پرينءَ جي پيار کي مُرشِدَ جيان رکي مَن ۾،
پريت دين ڪيو عشق کي امام ڪيو—

جو احترام ڪري اُن جو احترام ڪجي،
مگر نہ پاڻ کي ڪنهنجو ڪڏهن غلام ڪيو—

جتي بہ دل ۾ جاءِ دل سان ڪا ملي زاهدَ،
اُتي قيام ڪيو زندگي تمام ڪيو—

هر ڪنهن مومل جو ڪو هِڪڙو راڻو هوندو آ—
جنهن سان پنهنجي مومل جو ڪو ماڻو هوندو آ—

جنهن ڪي دل ۾ چوٽ وڏي ڪا عشق جي لڳندي آ،
اُن جو هر ڪو سَنڌُ سدائين ساڻو هوندو آ—

سوئي ساري دنيا جي ٿو دردن ڪي ڄاڻي،
جيئڙو جنهنجو سورن ۾ ساماڻو هوندو آ—

بي دردي‌ءَ سان دل ڪان دلبر ويندو آهي ڇني،
ڪيڏو ظالم بي وقتو لاڏاڻو هوندو آ—

پاڻ ڪي جنهن ڏرتي‌ءَ آ پاليو اُن امڙ جي لئه،
پنهنجي من ۾ ٻڌتين جو ڳاراڻو هوندو آ—

جيڪو سَچُ ڪڙو چوندو آ زاهدَ هن جڳ ۾،
اُن جو گهر يا جيل يا ڪوئي ٿاڻو هوندو آ—



www.sindhsalamat.com

جڏهن نندِ مان ٿا اُٿن مَستَ ماڻهو—
وڏي‌ءَ موج ۾ ٿا اَچن مَستَ ماڻهو—

نہ جن جو تَصوُر ڪري ڪو سگهي ٿو،
اُهي ڪم بيٺا ٿا ڪن مَستَ ماڻهو—

زماني سڄي کي نچائي ڇَڏِن ٿا،
جڏهن نينهن ۾ ٿا نچن مَستَ ماڻهو—

پون چيرجي ٿا پهاڙن جا سينا،
ڪٽي جي نگاهون ڏِسن مَستَ ماڻهو—

وڃي نيٺ منزل جو سينو چُمن ٿا،
وٺي واٽ جي ٿا وَڌن مَستَ ماڻهو—

تڏهن رَنگ ٿا راحتُن جا رَچائن،
جڏهن پيار ۾ ٿا پَچن مَستَ ماڻهو—

اُتي سَچَ جا ٿا مَچَن مَچَ زاهدَ،
جِتي مَچَ ٿي ٿا مَچَن مَستَ ماڻهو—



www.sindhsalamat.com

دل جڏهن ڪنهن لئہ ديواني سمجهي—
مون تڏهن پنهنجي جواني سمجهي—

تُنهنجون غلطيون سيئي وساريون ٿم،
پنهنجي هن جيءَ جو جاني سمجهي—

تو ڏنا درد! ساهَہ ۾ سانديم،
پيار جي خاص نشاني سمجهي—

اَڄُ پتائيءَ جي رسالي ڪي چُمئون،
سنڌ جي پاڪ پيشاني سمجهي—

پرهہ تائين پيئار زاهدڪي،
ساقي هر رات سُهاني سمجهي—



www.sindhsalamat.com

سِتارن جي دُنيا ۾ گُم ٿي نہ وڃجو—
نظارن جي دنيا ۾ گُم ٿي نہ وڃجو—

خزائن ۾ ساٿين جي ڪا سار لهجو،
بهارن جي دُنيا ۾ گُم ٿي نہ وڃجو—

نگر ڪي بہ پنهنجي نظر منجهہ رکجو،
خمارن جي دُنيا ۾ گُم ٿي نہ وڃجو—

جڏهن گُل اوهان کان وڃن يار وڇڙي،
تہ خارن جي دنيا ۾ گُم ٿي نہ وڃجو—

اُميدون رَکو تا تہ پوءِ يار زاهد،
مونجهارن جي دُنيا ۾ گُم ٿي نہ وڃجو—



www.sindhsalamat.com

اسان جا ذِهنَ ۾ زِندَهہ ضميرَ جاڳن ٿا—
نہ رهندي رات سحر جا سفيرَ جاڳن ٿا—

وطن جي عزتن ۾ عظمتن جا رکوالا،
امڙ جا لال ۾ پيٽُن جا وَير جاڳن ٿا—

جو ميري اک سان ڏسندو مَروڙجي ويندو،
اي سنڌ تنهنجي مِٽيءَجا خمير جاڳن ٿا—

مُئا نہ موت کان جيکي نہ زندگيءَ سان مِليا،
وفا جي قيد ۾ اهڙا اسير جاڳن ٿا—

صَديُن کان سَچَ کي سُوليءَ تي سَجائڻ وارا،
اَنا کي ماري فنا جا فقيرَ جاڳن ٿا—

حبيب کوڙ ها زاهدَ طبيب ٿي نہ سگهيا،
مِلي نہ جَن کي آ مرهم سي جِهيرَ جاڳن ٿا—



تو سوا مان غريب ٿي ويندس—
عمر پر بَد نصيب ٿي ويندس—

ايئن لڳي ٿو عجيب دُنيا ۾،
مان بہ هاڻي عجيب ٿي ويندس—

تون بہ کنهنجو نصيب ٿي وئي آن،
مان بہ کنهنجو نصيب ٿي ويندس—

صبح جو سِجُ مُنهنجو گهر هوندو،
مان اُجهايل کو ديپ ٿي ويندس—

کو مَسيحا نہ جي مليو زاهد،
پاڻ پنهنجو طبيب ٿي ويندس—

وفا جتي آ اُهو در نٿو ڇڏي سگهجي—
دنيا ڇڏي ڏبي دلبر نٿو ڇڏي سگهجي—

ڀَنڀورَ شهر مان سَسُئي اِهو چَئي نِڪتي،
شهر ڇڏي ٿي سگهان ور نٿو ڇڏي سگهجي—

ڪچي گهڙي جي مٿان سُڏڪندي سُهڻيءَ بہ چيو،
مَران ڀلي مران ميهر نٿو ڇڏي سگهجي—

آ موٽ مينڌرا هاڻي تہ مَرئي ٿي مُومَلَ،
سواءِ تنهنجي پنهنجو سِرُ نٿو ڇڏي سگهجي—

عُمَر جي مَحل کي للڪاري مارُئيءَ بہ چيو،
مِٺو اباڻو پنهنجو گهر نٿو ڇڏي سگهجي—

سُکن جو سات آهي اَڄُ تڏهن بہ اي زاهدَ،
ڏکن جي راهہ جو رهبر نٿو ڇَڏي سگهجي—



www.sindhsalamat.com

پاڻ اهڙي جهان ۾ آهيون—
روز نئين امتحان ۾ آهيون—

روز پٿر اسان تي ڇو نہ وسن،
عشق جي آستان ۾ آهيون—

تون آن ٿهڪن جي ڪهاڻيءَ ۾! اسان،
درد جي داستان ۾ آهيون—

تنهنجي چاهت ۾ چند ٻڻجي پوءِ،
اُڀرندا آسمان ۾ آهيون—

تون سمايل آن ساهہ ۾ اِن لئہ،
جيئندا تنهنجي جان ۾ آهيون—

پٽڪيا زاهدَ ناهيون اَجاتائين،
اڄ بہ پنهنجي ايمان ۾ آهيون—



www.sindhsalamat.com

بيوفا همراز ٿيندا ٿا وڃن—
دوست ڏوکيباز ٿيندا ٿا وڃن—

سنگدل جي بيرُخيءَ آڏو سيئي،
بي اثر ايلاز ٿيندا ٿا وڃن—

جبر آڏو ڪو تہ سِرُ اُوچو ڪري،
بند چو آواز ٿيندا ٿا وڃن—

تو سان گڏجي ساهہ جيڪي ٿو ڪٽان،
شاعريءَ لئہ ساز ٿيندا ٿا وڃن—

دل مٿان زاهدَ حُسن جا با اثر،
ناز ۽ انداز ٿيندا ٿا وڃن—



اکڙين ڪان دل ۾ دل ڪان سمائي آ ساهہ ۾—
ايڏو وڏو غضب جو اثر ٿئي نگاهہ ۾—

دنيا ۾ اُهو شخص ٿيو لاعلاج آ،
چيپاٿجي چُڪو آ جو ڪنهنجي بہ چاهہ ۾—

منزل تي مُسافر ڪو پُڄي پي تہ ڪيئن پُڄي،
رَهزن جي روز ڪا نئين رنڊڪ آ راهہ ۾—

مَحفِل ۾ مُنافق ٿا جَڏهن ويهجي وَڃن،
ڪو ئي مزو اچي ئي نٿو واهہ واهہ ۾—

جيڪو ٿو ٻُڌي سو ٿو ڏئي جاءِ جيءَ ۾،
ڪوئي اثر تہ آهي زاهدَ جي آهہ ۾—

تنهنجي پيار جي دنگل ۾ ڦاسي پياسين—
شهر ڇڏي ڪنهن جهنگل ۾ ڦاسي پياسين—

هڪ مُشڪل مان نڪتا هاسين مُشڪل سان،
ٻيءَ مُشڪل ۾ ٻئي پل ۾ ڦاسي پياسين—

سارو جيون سيوا ۾ ئي گُذري ويو،
اهڙا تنهنجي اَنگل ۾ ڦاسي پياسين—

تنهنجي عشق اسان کان ايئن اوڳاڙي ڪئي،
جڻ سرڪاري ڪنهن ڊِل ۾ ڦاسي پياسين—

ڌرتيءَ جي دردن مان نڪتاسين زاهدَ،
اُپ آڪاس جي مَنڊل ۾ ڦاسي پياسين—



لوڪُ پُڇي ٿو ڇاهي زاهدَ جي دل ۾—
پيار مُحبت آهي زاهدَ جي دل ۾—

ٽُٽڪيو هر ڪو پنهنجي مُنهن پر ڪنهن نہ ڏٺو،
هڪڙو لِيئو پائي زاهدَ جي دل ۾—

نفرت وارن کان زاهد جي نفرت آ،
ٻي ڪا ڳالهہ تہ ناهي زاهد جي دل ۾—

چٽڪون چٽڪون لفظ ڪٽي آيو هر ڪو،
ويو آ باهہ لڳائي زاهدَ جي دل ۾—

ڪو تہ مِلي اهڙو جو دل جي چاهت سان،
پيار جو رَنگَ رَچائي زاهدَ جي دل ۾—

اُن پل ۾ ئي گيتَ جُڙن ٿا جَنهن پل ۾،
زاهدُ ٿو ڳالهائي زاهدَ جي دل ۾—

هندو بہ آ اِنسان مُسلمان بہ اِنسان آ—
اِنسان جي دم ساڻ ئي سُهڻو سَڄو جهان آ—

هر ديس جو هر آدمي آدم جو ئي اولاد آ،
ڀائرَ تہ آهيون پاڻ ۾ ويڇن ڪيو ويران آ—

هُن عَرش تي هِن فرش تي ڪائنات جي هر ڪُنڊ ۾،
اِنسان ئي عظيم آ پنهنجو اِهو ايمان آ—

تُنهنجو بہ آ مُنهنجو بہ آ سَڀَ جو آهي سائين اُهو،
دل جو بہ ڏٺي پاڻ آ من ۾ جيڪو مهمان آ—

زاهدَ جو دين عشق آ پَندَتَ جو ڌرم پيار آ،
مون لئہ جيئين الله آ تو لئہ تيئين ڀڳوان آ



اسان جي حياتي سفر ئي سفر آ—
جتي رات ٿي وئي اُتي پنهنجو گهر آ—

سدائين خُمارن جي دُنيا ۾ آهيون،
نظر تي نظر جي نشن جو اثر آ—

وڏي جاءِ آ سمنڊ جي دل ۾ ليڪن،
ڪناري تي پَٿر دلين جو شهر آ—

مان جنهنجي ڪَٿائن جي اخبار آهيان،
اهو من جو سائين مون کان بي خبر آ—

اِهو نيٺ منزل رسائيندو زاهدَ،
سفر ۾ جيڪو دردِ دل همسفر آ—

هتي هر قدم ڪو نہ ڪو درد آ—
حياتي آ ننڍڙي وڏو درد آ—

پُڇو ٿا مليو آ ڪٿان پيار ۾،
مِٺن کان مليو آ مِٺو درد آ—

پنهنجي درد کان وڌ منهنجي مَن اندر،
پرين تنهنجي هر درد جو درد آ—

ڏئي دَرد مون کان پُڇيو دوستن،
لِکيو تو هي گيتن ۾ ڇو درد آ—

پَڪي درد سان ٿم رکي دوستي،
سُٺو همسفر آ سَچو درد آ—

ٻڌايو آ زاهدَ کي شاعر بہ اُن،
ڏنو پنهنجي پيارن جيڪو درد آ—



www.sindhsalamat.com

ڇير پائي جڏهن ناچڻي ٿي نچي—
ڇڻ تہ ڪنهن ساز تي راڳڻي ٿي نچي—

ڪنهن بہ ڪنواري بَدن کي ڇُهي ٿي جڏهن،
مَست ٿي مينهن جي هَرڪڻي ٿي نچي—

وارَ ٿُنهنجا سَنواري آ جُهومي پَئي،
آئيني جي اڳيان اَڄُ ڦڻي ٿي نچي—

جسم درزيءَ جو لَرزي ويو آ سَڄو،
تنهنجا ڪپڙا سبي، ٽاڪڻي ٿي نچي—

روز جوڀَنَ جوانيءَ جا آرِسَ ڀَڃي،
ڇوڪري دل هٿن تي کڻي ٿي نچي—

مان بہ اُن وقت زاهدَ نچي ٿو پَوان،
پاڻ مون سان جڏهن پَدمڻي ٿي نچي—



www.sindhsalamat.com

ڏکن ۾ ڏنا تئي سَهارن جا ڏينهنڙا—
تون آهين تہ آهن قرارن جا ڏينهنڙا—

اِهو معجزو تنهنجي آمد جو آهي،
خزان ۾ لڳن تا بهارن جا ڏينهنڙا—

ڇَپن ۾ پَريل جَام چو تي لِکائين،
اکين کي کپن تا خُمارن جا ڏينهنڙا—

جڏهن مُند جو پن جي من ۾ نچي تي،
حُسن تي اچن تا نکارن جا ڏينهنڙا—

نہ وسري تو زاهد عذابن جو ماضي،
سيارن جون راتيون اونهارن جا ڏينهنڙا—



حالات جي طوفان ۾ انسان مَتجي تو وڃي—
انسان مَتجي تو تہ پوءِ جهان مَتجي تو وڃي—

بيڪار آ بُزدل بہ آ بندوق جي ناليءَ اڳيان،
جنهن قوم جي اڳواڻ جو اعلان مَتجي تو وڃي—

آ هي وفا جنهن ۾ اُهو وڍجي تو پر وڪجي نٿو،
زر جي اڳيان ڪم ظرف جو ايمان مَتجي تو وڃي—

دل جي دوا دلبر تہ آ راڻو مگر راضي نہ آ،
دل تي دُکي دل جو جڏهن درمان مَتجي تو وڃي—

تنهن جيءَ جو جيئڻ ڏکيو زاهد تئي تو ڏيهہ ۾،
جنهن جيءَ جي جِندُ جان جو ڪو جان مَتجي تو وڃي—

لِڪائي نہ ڏي تون سَرِ عام ڏي—
ڇَپن جي چُمين جو مِٺو جام ڏي—

مُحبت جي ڪا محل هوندي نہ آ،
سَڄي عُمر ڏي ۽ صُبحَ شام ڏي—

حياتي عذابن ۾ گهاري اَٿم،
پَڇاڙيءَ جا ڪي پَلَ تہ آرام ڏي—

جَفا جُرم آهي وفا ڪر پرين،
سچو قُرب هر واٽ هر گام ڏي—

جنهن ۾ عشق آ امن آ پيار آ،
زماني کي زاهد سو پيغام ڏي—



مَسرُور ٿيا آهيون—
ڀَرپورُ ٿيا آهيون—

مَحبُوبَ سندي مَنَ ڪي،
مَنظور ٿيا آهيون—

ڏک آهي اِهو هاڻي،
چو ڏور ٿيا آهيون—

هڪ جهلڪ ڏسڻ جي لئہ،
مجبور ٿيا آهيون—

ساقيءَ سان مِلي زاهدَ،
مخمورُ ٿيا آهيون—

هر ساز پُڪاري ٿو—
آواز پُڪاري ٿو—

ناراض پرينءَ آڏو،
ايلاز پُڪاري ٿو—

دل ۾ ئي رکي ڇڏجو
ڪو راز پُڪاري ٿو—

شهباز ٿيڻ جي لئہ،
هر باز پُڪاري ٿو—

زاهدَ جو آهي پنهنجو.
انداز پُڪاري ٿو—


www.sindhsalamat.com

ورهين ڪان پويان اَڄُ رات—
مِلٽوآ توسان اَڄُ رات—

مِلنديئن موجَ ۾ ايندا سين،
سمنڊ چنڊ ۽ مان اَڄُ رات—

تون پرچاءِ ۽ مان تو سان،
ٻَڪُ وجهي روئان اَڄُ رات—

صَديُن جيڏي رات ٿئي،
مان تو سان جاڳان اَڄُ رات—

زاهدَ جيڪي لِکٽا هام،
سارا گيت لِکان اَڄُ رات—


www.sindhsalamat.com

ڪيو ٿا رِيس اجايو نَصيبَ وارن سان—
خزان جو ساڙ نهي ئي نَٿو بَهارن سان—

جو شخص پنهنجي اندر ۾ پهاڙ جيڏو آ،
ڇو اُن جو نانءُ لِکو ٿا اَبوجهہ ٻارن سان—

نہ سِجُ تُنهنجي برابر نہ چَنڊُ تو جَهڙو،
نہ تنهنجي پيٽ ڪبي آسمان وارن سان—

تون سونهن ۾ تہ سَڀي ڪائنات جيڏو آن،
مان تنهنجي هَمسري ڇا لئہ ڪيان سِتارن سان—

جيو ٿا جي تہ جيئڻ جو مَزو وٺي تہ جيئو،
ڇُمين جي چاهَ سان ۽ پيارَ جي خُمارن سان—

ما دل جي ديسَ ۾ اُجڙي ڇُڪو آهيان زاهدَ،
بَدن ۾ ساهُ آ ڪنهن سونهن جي سهارن سان—



زندگي تو سِوا گُذري ٿي پر سُٺي نٿي گُذري—
هر گهڙي نيڪ آ گُذري ٿي پر سُٺي نٿي گُذري—

جُدائيءَ جي عذابن ۾ پرين مو نکي حياتي هيءَ،
ڏني تو آهي جا گُذري ٿي پر سُٺي نٿي گُذري—

تنهنجي مخمور ياڊُن جو سَهارو ٿو وٺان سائين،
پوءِ پِي رات ڪا گُذري ٿي پر سُٺي نٿي گُذري—

عشق جي اِبتدا دِلچسپ هُئي ڪيڏي مَگر هاڻي،
پيارَ جي اِنتها گُذري ٿي پر سُٺي نٿي گُذري—

جياپو جيءَ جو آ جام سو مان ڪيئن ڇَڏيان زاهدَ،
ساقي تو ڪان جُدا گُذري ٿي پر سُٺي نٿي گُذري—

اي يارَ تون بہ پُڇين ٿو تہ ڪير آهيان مان—
جي تُنهنجو ناهيان تہ پوءِ ڪو وُجود ناهيان مان—

مان توسان رُوحَ جو رِشتو رَکڻ گُهران ٿو پرين،
رَکين ٿو راهہ جو رِشتو تہ ڪيئن نپايان مان—

قدم قدم تي سدائين سِتم سَنم تُنهنجا،
وري بہ توکي ٿو چاهيان تو کي ٿو چاهيان مان—

اَندَر جا سُورَ تہ پَنهنجَن سان اوربا آهن،
جي پنهنجا سُورَ ڏين سي ڪنهن کي سُڻايان مان—

جنهن ۾ نہ درد مُنهنجي ديس جا هُجن شامل،
سي گيت ڳايان مان زاهدَ تہ ڪيئن ڳايان مان—


www.sindhsalamat.com

ڪائڻ بہ زهر هو پيئڻ بہ زهر هو—
زندهہ تہ رهياسين جيئڻ بہ زهر هو—

ڪم ظرف سان رشتو ڪندن جو فصل هو
اِن پوک کي پاڻي ڏيڻ بہ زهر هو—

هڪ دل تہ چيو پَئي دُنيا سان بہ هَلجي،
بي شرم بي حيا ٿيڻ بہ زهر هو—

همسفر هو اهڙو جيون جي سفر ۾،
بي عقل جي پَر ۾ بيهڻ بہ زهر هو—

اُميد سان ناتو اهڙو تہ ڳنڍيو سي،
مايوس ڪڏهن ٿي ويهڻ بہ زهر هو—

هو عشق اڙانگو هَر موڙ تي زاهد،
اٿڪڻ بہ زهر جو — موٽڻ بہ زهر هو—


www.sindhsalamat.com

ڪا دوستي نِڀائبي ڪا دشمني نِڀائبي—
ڪڏهن سُکي ڪڏهن ڏُکي گهڙي گهڙي نِڀائبي—

هي عشق جو خُمار آ جي عشق جي خُمارَ ۾،
مِلي وئي ڪا بي وَسي تہ بي وَسي نِڀائبي—

وفائون واٽ ۾ ڪٽي سَزائون سِرَ مٿان سَهي،
هي دلبرن سان دلبري وري نِڀائبي—

هٿن سان پنهنجو هَر حُڪم پرين مون کي لِکي تہ ڏِيو،
لِکت اوهان جي عُمر ڀر چُمي چُمي نِڀائبي—

هِتي بہ درد ٿا مِلَن هُتي بہ جي عذاب آ،
هي زندگي نڀايون ٿا هو زندگي نِڀائبي—



منهنجي جهوليءَ ۾ جيڪو پيار آ تنهنجو آهي—
منهنجي من ۾ جيڪو سنسار آ تنهنجو آهي—

ڪوڙ هر موڙ تي بي درد مليا نفرت سان
جو مُحبت جو مِليو ٿار آ تنهنجو آهي—

منهنجي هن شهر ۾ هر فرد ڇيو آ مونکي،
تنهنجو دلدار وفادار آ تنهنجو آهي—

روز ٿو روح ڇوي مان تنهنجي پيرن ۾ رهان،
پر ادب سان جيڪو انڪار آ تنهنجو آهي—

پنهنجي زاهد کان نہ ڇنجانءِ پناهون پنهنجون
ڏاڍو مسڪين آ لاچار آ تنهنجو آهي—

هي راڄ مظلوم هو آ ظالم اوهان نٿا چئو اسين چئون ٿا—
عظيم پورهيت حقير حاڪم اوهان نٿا چئو اسين چئون ٿا—

ابوجهہ ماڻهن کي ڏئي دلاسا وٺن وڏيرا ٿا ووٽ ڪيڏا
غريب جو پُٽ وزيرِ اعظم اوهان نٿا چئو اسين چئون ٿا—

اِسيمبلين ۾ وڃي ٿا ويهو وزير بَڻجي مُفاد خاطر،
ختم ڪجي هر غريب جو غم اوهان نٿا چئو اسين چئون ٿا—

جو ڪيت ڪيڙي اهو ئي وارث زمين جو آ زمين اُن جي،
رَهي نہ مُحتاج ڪو بہ آدم اوهان نٿا چئو اسين چئون ٿا—

نہ شرم اک ۾ نہ ڊِيدَ اک ۾ ترانو ٿا شاد باد ڳايو،
عوام چاهي ٿو لال پَرچم اوهان نٿا چئو اسين چئون ٿا—

وطن جون خوشيون اسانجون خوشيون دنيا جي دردن کان ڌار ناهيون،
سدائين ٻهڪي سمورو عالم اوهان نٿا چئو اسين چئون ٿا—

عوام سان گڏ هلڻ تہ زاهد اديب شاعر جو فرض آهي
ستايلن جو ٿئي ڪو سنگم اوهان نٿا چئو اسين چئون ٿا—



سُورَ ڏئي هر سال هَليو وِيو—
حالَ ڪري بي حال هَليو وِيو—

سچو ماڻهو ڪوڙي جَڳ ۾،
ٿي نہ سگهيو خوشحال! هَليو وِيو—

سال تہ وِيو پَرَ ويندي ويندي
قومَ ڪري ڪنگال هَليو وِيو—

ڀاءُ تہ هو پر پنهنجي ڀرمان
بي وس ٿي بنگال هَليو وِيو—

زاهَدَ هَر ڪو ڏينهُن پَهَرُ پَلُ
جيءَ کي ڏئي جنجال هَليو وِيو—

تون ورهين ڪان ساقي آهين – شل مئخانو آباد رهئي–
ٿو درد وندن جا ڏک لاهين – شل مئخانو آباد رهئي –

ٿو تو کي ڏک جي دانهن ڏيان – ٿو تو سان دل جا سُورَ سليان
هِڪڙو ئي تہ منهنجو آن سائين – شل مئخانو آباد رهئي–

سَڀُ جيڪي ڪامن پَچرن ٿا – سي تو سان ويهي سُڏڪن ٿا،
تون روئندن کي ٿو پَرچائين – شل مئخانو آباد رهئي–

تون سُرَهو گل چَمن جو آن – تون پيارو هر ڪنهن پن جو آن،
هر محفل کي ٿو مَهڪائين – شل مئخانو آباد رهئي–

مِٽيءَ جي خوشبو ساڻ ڪٽي – گڏ مَوج پَريو مَهِراڻ ڪٽي،
هر جيءُ ٿو زاهد جهومائين – شل مئخانو آباد رهئي–



سَڄي سَڄي رات مان سَڙان ٿو – تڏهن تہ دانهُن ۾ درد آهي
سَڄو سَڄو ڏينهن مان ڏکان ٿو– تڏهن تہ دانهن ۾ درد آهي–

جي ساز کي ڏڪ لڳي ٿو سائين – تہ ساز پيي رَڙ ڪري ٿو سائين
ڪو ڏڪ لڳو آ تہ مان رڙان ٿو – تڏهن تہ دانهُن ۾ درد آهي–

ڳنڍي هَلين ها تہ مان بہ جيڪَر– سَڄي حياتي سَڄو هُجان ها،
ڇني ڇڏين ٿو ڇڄي پوان ٿو – تڏهن تہ دانهُن ۾ درد آهي–

هي گيت جي گونجندا ڏسين ٿو – خبر اٿئي ڪا تہ ڪيئن لِکان ٿو،
تنهنجي وڇوڙي ۾ جهيرجان ٿو– تڏهن تہ دانهُن ۾ درد آهي–

نہ ڪُوڙُ زاهدَ نہ ڪَڇُ آهيان – مان سَچُ رهندس مان سَچُ آهيان،
مان سَچَ جو مَچُ ٿي مچان ٿو– تڏهن تہ دانهُن ۾ درد آهي–

جهاڳبو جَهنگُ جَهر مِلي وِيو آ—
ڏاڍو مشڪل سَفر مِلي وِيو آ—

چا بہ تي پَئي نياڻو آهي،
عشق وارو اکر مِلي وِيو آ—

پنهنجي دل ۾ دُعا ڪري رکبو،
ڏک تو ڪان اگر مِلي وِيو آ—

ايئن بَرسي پَيا وڇوڙي ۾،
جڻ تہ نيڻن کي تر مِلي وِيو آ—

هاڻي منزل مِلي تہ ڪيئن مِلي،
نا اهل همسفر مِلي وِيو آ—

سو وڏوخوشنصيب آ زاهدَ،
جنهن کي ڪنهن دل ۾ گهر مِلي وِيو آ—



عزت جنهن بہ وڃائي هوندي—
اُن جي عُمرِ اجائي هوندي—

ماڻهو ڪو تو سوئر سَڏجي،
آخر ڳالهہ تہ ڪائي هوندي—

پنهنجيءَ ڳالهہ ۾ پڌرو ٿيندو،
جنهن جي من ۾ ٻيائي هوندي—

سونهون ڏُکَ جو سوئي هوندو،
جنهن تي مُشڪل آئي هوندي—

پاڻ پريت جا راهي زاهدَ،
هر ڪا وک سَجائي هوندي—

ساٿ ٽُنهنجو جي سدائين رهندو—
ساهہ سُرهاڻ ۾ سائين رهندو —

مان ڏسان ٿو جِهڄي جُهري ٿو پَوان،
ايڏو غمگين ڇو آهين رهندو—

موت چاهي؟ پتو تڏهن ٿو پوي،
جنهن پهر ساڻ تون ناهين رهندو—

پنهنجي وِچَ ۾ عجيب رَسمُن جو،
فاصلو ڪيتري تائين رهندو—

مون چيو ٽُنهنجو ئي تہ آ زاهدُ،
مُسڪرائيندي چيائين رهندو—



www.sindhsalamat.com

بي وفا ساڻ گڏ گُذاريان ٿو—
پوءِ بہ اُميد ڪي جيئاريان ٿو—

جسم پنهنجو ڪٽي ڪري ڪاٽيون،
مان مُحبت جو مَچُ ٻاريان ٿو—

پاڻ ڪان پاڻ گُم ٿيو آهيان،
پاڻ ئي پاڻ کي پُڪاريان ٿو—

مُلهہ مُنهنجو جڏهن جڏهن ٿو لڳي،
پنهجي ضمير ڏي نِهاريان ٿو—

درد هي نيٺ جنگ جو ٿيندا،
پنهنجي هر سُورَ کي سَنواريان ٿو—

گيت بَڻجي پَون پَيا زاهدَ،
لُڙڪ جيڪي بہ روز لاڙيان ٿو—



www.sindhsalamat.com

يَڄندي يَڄندي لُڇندي لُڇندي، ڪُجھ گُذري وَئي ڪُجھ گُذري پَئي—
سُک ڪونہ مِليا سڪندي سڪندي، ڪجھ گُذري وئي ڪجھ گُذري پَئي—

تڏڪار بہ هو آرام بہ هو جڳ لاءِ هيو مون لاءِ نہ هو،
مُنهنجي تہ عُمرِ ڏڪندي ڏڪندي، ڪُجھ گُذري وَئي ڪُجھ گُذري پَئي—

جيڪي بہ مِليا هِنَ جيون ۾ ماڻهو تہ هُيا مَحَبُوبَ نہ ها،
هڪ دلبر لئہ دُکندي دُکندي، ڪُجھ گُذري وَئي ڪُجھ گُذري پَئي—

ڪاڏي وَڃجي ڪنهن سان ملجي ڪنهن سان روئجي ڪنهن سان کِلجي،
پنهنجي من کان پُڇندي پُڇندي، ڪُجھ گُذري وَئي ڪُجھ گُذري پَئي—

هر سُونهَن اکين لئہ سَگهَہ بَڻي، جَنهِن سَگهہ جيئاريو آ زاهدَ،
تَسبي هَٿ ۾ پَڙهندي پَڙهندي، ڪُجھ گُذري وَئي ڪُجھ گُذري پَئي—


www.sindhsalamat.com

شهر ڇڏيون ٿو وجان پر دُعا ڪندو ٿو وڃان—
رَهن هي شاد سَپيئي گهر دُعا ڪندو ٿو وڃان—

ڏِنا تو ڏنپ وڇوڙي جا ٿو ڏُکان پوءِ پيي،
مان دل سان تو کي تہ دلبر دُعا ڪندو ٿو وڃان—

اُداس تون نہ ٿِجانءِ مان توسان مِلڻ ايندُس،
اي مُنهنجي گهر سَندا آڳُر دُعا ڪندو ٿو وڃان—

جَنين سان جيءَ جَڙيا خُونَ جا هُيا رِشتا،
اُنهن بہ بَندِ ڪيا در دُعا ڪندو ٿو وڃان—

ٻُڌن ٿا گيت مُنهنجي درد جا جڏهن زاهد،
روئن ٿا شَهرَ جَهنگ جَهرَ دُعا ڪندو ٿو وڃان—


www.sindhsalamat.com

هي پيار ڏاڍو مِٺو مِٺو آ—
قرار ڏاڍو مِٺو مِٺو آ—

نِجو نَشو آ نِهار ٽُنهنجي—
خُمار ڏاڍو مِٺو مِٺو آ—

اَندَرَ ۾ جيڪو آ عشق آندو،
اُپار ڏاڍو مِٺو مِٺو آ—

اَچِي وَيو نينهن ۾ نِرالو،
نِکار ڏاڍو مِٺو مِٺو آ—

تون ڳاءِ زاهدَ وٽي ٿو هاٽي،
ملهار ڏاڍو مِٺو مِٺو آ—


www.sindhsalamat.com

تو سان پنهنجو نينهن نرالو ڳايان ٿو—
جوش اچي ٿو پوءِ جمالو ڳايان ٿو—

روز عبادت لاءِ چوي ٿي مُنهنجي دل،
شاهه لطيف جو روز رسالو ڳايان ٿو—

مياڻيءَ جو ميدان پُڪاري ٿو ٻيهر،
توب، ڪُهاڙي، ٻَڙڇي ڀالو ڳايان ٿو—

ڳائڻ وارا جنهن کي تنهن کي ڳائن ٿا،
مان تڙپان ٿو سنڌ جو نالو ڳايان ٿو—

ننڊ کيان کيئن رات نياڳيءَ ۾ زاهد،
قوم جي قِسمَت لاءِ اُجالو ڳايان ٿو—


www.sindhsalamat.com

## ٻہ قافيو غزل (نئون تجربو)

درد جي رات وڏي رات آ گُذري ئي نٿي—
موت سان جنگ آ سڪرات آ نِبري ئي نٿي—

پاڻ سا پاڻ نہ آ ساڻ رڳو تون ئي تون،
تنهنجي هر بات رهي تات آ وِسري ئي نٿي—

تون اُتم ذات تنهنجي سونهن اُتم سوچ اُتم،
ضِد تنهنجي بہ اُتم ذات آ نِڪري ئي نٿي—

لُڙڪ ڌرتيءَ تي وهايان تہ جَلي راڪ ٿئي،
دل جي ٿر جي مٿان برسات آ اُبري ئي نٿي—

سوچَ نِسري تہ نئين ڪيئن ڪا نِسري زاهدَ،
تو بِنا ذاتِ مَٿان ماتِ آ اُسري ئي نٿي—



تنهنجي مئخاني ۾ آ يل آهيان—
اڄُ پرين ڏاڍو اُجايل آهيان—

حُسن جي هَنجَ مُقدر نہ بَڻي،
سُونهَن سَجنيءَ جو سِڪايل آهيان—

جي اچين ٿي تہ وَڃان ٿو ڇَم ڇَم،
تنهنجي پيرن جي مان پايل آهيان—

تون نہ ڏي درد نوان اي دلبر،
مان اڳيئي ئي گهڻو گهايل آهيان—

کهڙي اُميد زماني مان رکان،
پنهنجي سَڄڻِ جو سَتايل آهيان—

زهر پي پوءِ بہ مِنائيءَ وانگر،
دوستن مَنجِهہ وِرهايل آهيان—

پنهنجي ضَميرَ سان گڏ مان زاهدَ،
سَچَ جو مَچُ مَچايل آهيان—

عزت واري ٻالھ ڪنداسين—
عظمت واري ٻالھ ڪنداسين—

مُحبت وارا ماڻھو آھيون،
مُحبت واري ٻالھ ڪنداسين—

اُجڙي ويندڙ ھر اندر لئه
راحت واري ٻالھ ڪنداسين

پنھنجن جَذبن مَنجھ پَريل آ،
جُرئت واري ٻالھ ڪَنداسين—

ھر حالت ۾ ھر ظالم تي،
لعنت واري ٻالھ ڪنداسين—

سِنڌُ امڙ آ سِنڌُ سان زاھد،
چاھت واري ٻالھ ڪنداسين—



دل جي دُنيا ڪي اُجاڙي تون ھليو وئين ڪاڏي—
چند ڏينھڙا مونسان گھاري تون ھليو وئين ڪاڏي—

پنھنجي اقرار جي اظھار سان چاھت واري،
باھِ مَن ۾ مُنھنجي ٻاري تون ھليو وئين ڪاڏي—

تو سواءِ مُنھنجو پرين ڪو ٻہ نہ ھو ڪو ٻہ نہ آ،
مان جيان ڪنھنجي سَھاري تون ھليو وئين ڪاڏي—

تون ڪٿي ھوندين ڪھڙي حال ۾ ھوندين سائين،
ساھُہ تو ڪي پيو ساري تون ھليو وئين ڪاڏي—

تون ئي زاھد جو ھُئين جيءَ جياپو جاني
موت مونکي ڏئي ماري تون ھليو وئين ڪاڏي—

تون چوين ٿو تہ مان خاموش رهان ڪيئن رهان—
سَچَ جو ساهُہ ڪڏي ڪوڙُ چَوان ڪيئن چوان.

چو پنهنجي ضد جا زنجير مون کي جَڪڙين ٿو
ڳالهہ سمجهين ئي نٿو ڪاڏي وڃان ڪيئن ڪيان—

دل ۾ هڪ درد هُجي ها تہ ڪڏي ڇڏجي ها،
سمنڊ سُورن جو آ دل ۾ سو ڪدان ڪيئن ڪدان—

باهہ تو وِچَ تي ٻاري آ وِڇوڙي واري —
مان ٿو ناريان تون مَچائين ٿو اچان ڪيئن اچان—

تو کي وڻندو تہ وڏي ڳالهہ هوندي زاهد لئہ،
لوڪ لئہ پاڻ سَنواريانءِ سَجان ڪيئن سَجان—



www.sindhsalamat.com

سَڀُ قيمتي پل آهن—
جڻ گيت غزلَ آهن—

آ واٽ ڏُکي ڏاڍي،
پر عَزمَ اَٽلَ آهن—

دلگير نہ ٿيڻو آ،
هر درد جا حَلَ آهن—

سِنڌُ چو نہ بَچائيندا،
سِنڌُ جا بہ اَدلَ آهن—

مَنُ موجَ ۾ آ زاهدَ،
ميلا بہ مَتلَ آهن—



www.sindhsalamat.com

کم تہ سيني جو آهي پر کير کندو—
سو ئي کندو جو پُختو پنهنجو پير کندو—

سِنڌُ جو کائي سِنڌُ وِرهائڻ چاهيو ٿا،
سنڌ جو وارث کونہ اوهان سان خير کندو—

چا بہ کجي پر مُور نہ کنهنجو ٽيٽو آ،
جيکو ماڻهو پنهنجي مَنَ ۾ مير کندو—

هوندَسِ کا مَجبوري جو پَهتو ناهي،
مُنهنجَو دِلبر ناهي ايڏي دير کندو—

اَچڻو آ طوفان سَچائيءَ جو زاهدَ،
جيکو ڊوهہ سَمورا ڊاهي ڍير کندو—



پيار پنهنجي جو اجان آهي زمانو ساڳيو—
عَرضَ مُنهنجا نہ اگهيا تُنهنجو بَهانو ساڳيو—

کلهہ بہ تو مُنهنجي مُحبت کي گُنهگار چيو،
اَڄُ بہ تون مون کي ٻُڌائين ٿو فسانو ساڳيو—

مُنهنجي هر وقت رهي عاجزي ساڳي تو سان،
تُنهنجو تکرار رَهيو مون سان روزانو ساڳيو—

سُونهَن جو وِردُ صُبحَ شامَ کيان ٿو وينو،
عشق کي مون آرکيو تازو توانو ساڳيو—

کُجهہ حياتيءَ ۾ حقيقت سان مِلي ڏِسُ زاهدَ،
رَهُہ نہ سَجدَن ۾ ائين روز ديوانو ساڳيو—

تو سِوا ڇا ڪجي−
دِلربا ڇا ڪجي−

اِنتظارن جي آ
انتها ڇا ڪجي−

جي ختم ٿي وَڃن،
آسرا ڇا ڪجي−

تو ڪٿي سڀ ڇَڏيا،
سِلسِلا ڇا ڪجي−

باوفا ٿي پوي،
بي وفا ڇا ڪجي−

دل ۾ زاهد رُڳو،
درد آ ڇا ڪجي−


www.sindhsalamat.com

جِتان وَفا نہ مِلي آ اُتي وَري نہ وَڃو−
نہ رکجو نانگ سان ناتو متان مري نہ وڃو−

اڳيان جَفا جو شهر آهي جهير جي ويندئو،
اوهان جي يارَانِهيءَ ۾ آ بَهتِري نہ وَڃو−

لڪين اُميدون اوهان ۾ آهن ڏُکيءَ دل جون،
دڳن ۾ رولي اسان جي هي دِلبري نہ وَڃو−

اوهان جي ساٿ ۾ دردن ڪان ڌارَ ٿيا آهيون،
ڏئي اسان کي حياتي ڏکن ڀَري نہ وَڃو−

وَري ڪڏهن نہ ڪنداسين ڪا هُجَ او سائين،
مَڃو هي عَرضُ آ زاهدَ جو آخري نہ وَڃو−


www.sindhsalamat.com

اي حَسينو هي قهر ڇو ٿا ڪيو–
عاشقن کي دربدر ڇو ٿا ڪيو–

اک اڙائي جيءُ جکڙي ٿا ڇڏيو،
دل وٺي پوءِ بند در ڇو ٿا ڪيو–

پيار ڏئي پوءِ ڇو پري ٿي ٿا وڃو،
زندگي ڪنهن جي زهر ڇو ٿا ڪيو–

راههَ ۾ رولڻ گهروٿا جي تہ پوءِ،
ڪنهن کي پنهنجو همسفر ڇو ٿا ڪيو–

بي سبب ڪنهن باوفا زاهد سَندو،
بي خطا برباد گهر ڇو ٿا ڪيو–



عاشقو ايڏو ظلم ڇو ٿا ڪيو–
روز پنهنجو نئون صنم ڇو ٿا ڪيو–

سونهن ڪان وڌ سونهن جنهن پل ٿا ڏسو،
پنهنجو گهر ڊاهي ختم ڇو ٿا ڪيو–

بي رحَم ۽ بي وَفا آهيو اوهان،
سَنگدل ٻَڻجي سِتم ڇو ٿا ڪيو–

دل وَٺي پوءِ دل جَلائي ٿا ڇَڏيو،
قهرَ اهڙا هر قدم ڇو ٿا ڪيو–

درد ڏيو ٿا دُور تڏهين ٿا ٿيئون،
غَمَ ڏِيو ٿا پوءِ غَمُ ڇو ٿا ڪيو–

مُنهنجي مَنَ ۾ ائين رَهيو آ مُنهنجي مَنَ جو ميت الا—
جيئن گُلَ ۾ خوشبو رهندي آ ۽ سُرَ سان سنگيت الا—

رام بہ تون رحمان بہ تون آن مالڪ تون آن مانُ بہ تون آن،
پنهنجي پيار ۾ رهڻي آهي روحاني هيءَ ريت الا—

ساعت ساعت چاهت ٿيندي ساري جڳ کي راحت ڏيندي.
دل وارن جي واٽ ٿي ويندي پنهنجي اهڙي پِريت الا—

جنم جنم پيا ايندا ويندا ڏيهَن کي پِيا ڏيهَہ ڏسيندا،
پاڻ نہ هونداسين پر جڳ ۾ جيئندي پنهنجي جيت الا—

ساهن کي سُر ساز ڏنو تو اهڙو نئون انداز ڏنو تو،
گونجي ٿو تہ دِليون ٿو ناري زاهدَ جو هَر گيت الا—



www.sindhsalamat.com

جيءَ کي اهڙو جيئاري ڇَڏجي—
موت کي مات ڏِياري ڇَڏجي—

وقت کي هَٿُ وِجهي ڳِچيءَ ۾ ڪُجهہ،
پنهنجي مَرضيءَ سان بيهاري ڇَڏجي—

جا وِسامي تہ ٿي پوي جنت،
باهہ اهڙي ڪا ٻاري ڇَڏجي—

جنهن کي احساس ناهي آدم جو،
اهڙي مَردُودَ کي ماري ڇَڏجي—

طئہ ڪجي واٽ عشق جي زاهدَ،
جنهن تي پوءِ عُمر گُذاري ڇَڏجي—



www.sindhsalamat.com

درد جي ديس ۾ سُورَنَ جو سَتايل ماڻهو–
جو مِليو سو هُيو پنهنجن جو ڏکايل ماڻهو–

پيار جي آس رَکي لُڙڪ پيئي تووينو،
هر طرف رُڃُ ۾ بيوس آ اُجايل ماڻهو–

پنهنجي مرضيءَ کي ڏئي موت ويهي ٿو سو ئي،
جو ڏئي ويهي ٿو ڪنهن کي بہ پنهنجي دل ماڻهو–

ڪنهن بہ جابر جو ڪوئي جبر جُهڪائي نہ سَگهيو،
سونهن ٽُنهنجيءَ آ بڻايو مون کي سائل ماڻهو–

گهاوَ ڏاڍا ٿو ڏئي پوءِ بہ مون کي پيارو آ،
جيڪو آ مُنهنجي اندر مَنجهہِ سَمايل ماڻهو–

گُفتگوءَ مان ئي خبر پئجي وَجي ٿي زاهدَ،
ڪير عالم آهي ۽ ڪير آ جاهِل ماڻهو–



سارو جڳ اَپ سيٽ لڳي ٿو–
ڪنهن ڊرامي جو سيٽ لڳي ٿو–

جنهن وٽ آهي چت مَتانهين،
اُن کي هَر گهرُ هيٺ لڳي ٿو–

دُنيا جي گورک ڌنڌي ۾،
هر ماڻهوءَ جو ريٽ لڳي ٿو–

پيار مان سوچا چاڻي جنهن کي،
پيارو پنهنجو پيٽ لڳي ٿو–

ڏاڍو هَلڪو ماڻهو آهي،
ڳورو جَنهنجو ويٽ لڳي ٿو–

ياد ڪيون ٿا الف ۽ بي کي،
روز پٽيءَ تي ميٽ لڳي ٿو–

ڪارو چاڻ جا ڪتي جاڳو،
وِڪجي ويندو ڀيٽ لڳي ٿو–

زاهد ڪيڏو هيل اُجارو،
پنهنجو هر ڪو ڪيٽ لڳي ٿو–

اَندَر مَنجهہ آ دم بَدم عاشقي—
نہ ٺيندي صنمَ هيءَ ختم عاشقي—

هُجي هي جَنم يا مِلي ٻو جَنم،
اوهان سان ڪبي هر جنم عاشقي—

مان تَسبي پڙهان ٿو پَيو حُسن جي،
عبادت اٿم هر قدم عاشقي—

خبر ٿئي اِهي گيت ڪيئن ٿا ٺهن،
ڪويءَ جو ڪندو آ قلم عاشقي—

هي زاهدُ نِجو عشق ئي عشق آ،
غزل عاشقي هر نظم عاشقي—


www.sindhsalamat.com

ڪروڙين ڪهاڻيون فليٽن ۾ آهن—
ڪي يادون اَباڻيون فليٽن ۾ آهن—

آ ڳوٺن جي خوشبو ڪراچيءَ ۾ جاتي،
رِلهيون ڪي پُراڻيون فليٽن ۾ آهن—

بيهي گيلريءَ ۾ وِڪيرين ٿيون مُرڪون،
نِگاهون نِماڻيون فليٽن ۾ آهن—

هِتي سَي ئي راجَا سڏائن ٿا جَن سان،
ڪي راڻين جون راڻيون فليٽن ۾ آهن—

وڏو شهر زاهدَ وڏي ڳالهہ آهي،
وڏيون هِتِ رهاڻيون فليٽن ۾ آهن—


www.sindhsalamat.com

پنهنجي دل مون ائين ڏِني آهي—
ديس جي درد جي ڇِنٽي آهي—

رَٿُ هر سَتَ ڪي پَئي بَخشي،
سِنڌُ ڌرتيءَ جي مِٽي آهي—

ڪائي سِنڌُ جو نمڪ حرام نہ ٿي
تو ۾ جي شرم جي ذري آهي—

سِنڌُ سِنڌين جي آهي ۽ رهندي،
مون غلط ڳالهہ ڪانہ ڪئي آهي—

ويهي پنهنجن سان آ خَتم ڪرڻي،
وِچَ ۾ ٿورڙي وِٿي آهي—

زندگي زهر ٿي وئي آ پر،
موت ڪان پوءِ ڀي مِٺي آهي—

ڇو عذابن ۾ ٿا رَهون زاهد،
ڪائي غلطي ضرور ٿي آهي—



www.sindhsalamat.com

جتي ٿي وفائون ڏئي دوستي—
اُتي ٿي سدائين جيئي دوستي—

جفائون سَزائون سَدائين سَهي،
پئي ڏُک وِهُ جا پيئي دوستي—

ٻَري سَچَ جو مَچُ ٿو وِچَ تي،
تڏهن ڪا پَکي ٿي ٿِئي دوستي—

جُهڪائي سَگهي ٿي زمانو سَڀو،
بهادُر جي بڻجي بيهي دوستي—

تڏهن ڏُکُ زاهد ٿئي ٿو جڏهن،
گلائون ڪري ٿي گيهي دوستي—



www.sindhsalamat.com

واٽ ۾ آهي ٻاٽ ڏيئو ڪو ٻاري هَل—
موت ڪي ماري پنهنجو پاڻ جيئاري هَل—

اوجاڳن سان خَوابَن ڪي تعبيرون ڏي،
اکڙيون کولي هر ڪنهن پار نِهاري هَل—

دير آهي تہ بہ خير آهي پَهچي وَڃبو،
پنهنجي آڏو ٽَڪرَ سارا ٽاري هَل—

پاڻ ڪناري تي پهچي وئين ڇا ٿي پيو،
مانجهي ساري قوم جو ٻيڙو تاري هَل—

جنهن سان جيءَ جيئاپن جو ڪو گسُ ملي،
زاهدَ ذِهنَ مان اَهڙي سوچَ اُپاري هَل—



سونهن ٽُنهنجي سدا ٿي اَنوکي لڳي—
هر قدم هر ادا ٿي انوکي لڳي—

هوءَ سُهڻين ۾ آهي سَين کان جُدا—
جا انوکي آ سا ٿي انوکي لڳي—

اَهڙي جنت ۾ ڪا حَورَ ناهي ڏِٺي،
ٿا چون فرشتا ٿي انوکي لڳي—

هيل مُنهنجا کُلي پاڳ آهن پيا،
تنهنجي هر ڪا دُعا ٿي انوکي لڳي—

ٿورڙي ڳالهہ تي ٿورڙي دير لئہ،
ٿي وڃي ٿي جُدا ٿي انوکي لڳي—

ناٺءِ اُن جي ڪري ٿو ڇڏي زندگي،
ها جڏهن ڪنهن ڪي ڪا ٿي انوکي لڳي—

عُمرِ نِنڊڙيءَ کان زاهدَ پَڇاڙيءَ تائين،
مون ڪي هِڪڙي اِها ٿي انوکي لڳي—

هي ڪيڏو تہ پيارو شهر آ سَچو—
مگر بي سَهارو شهر آ سَچو—

لڳي ڪنهن تہ آ بد نظر جي نظر،
عذابن ۾ سارو شهر آ سَچو—

آهيون هر قدم تي اَجل جو شِڪار،
قبر جو ڪِنارو شهر آ سَچو—

وڏي نَڪ جي هو پَڪائيءَ سان،
چون ٿا ”همارو“ شهر آ سَچو—

ڪراچيءَ جا وارث ڪڏهن جاڳندا،
ويو لُٽجي سارو شهر آ سَچو—

اُٿو يار زاهد چَڏيو بيوسي،
ٿي وينو ويچارو شهر آ سَچو—



ڪيائين پيارمگر پيارَ کي سمجهي نہ سگهي—
مُحَبتُن ۾ اَعتِبارَ کي سمجهي نہ سگهي—

سِواءِ هُن جي سَچو گهر اُداس رَهندو آ،
هو پنهنجي بي رَحم ڪِردارَ کي سمجهي نہ سگهي—

سا پاڻ نيتِ زماني جي هڪ خبر ٿي وَئي،
جا زماني جي سَماچارَ کي سمجهي نہ سگهي—

هو مُنهنجو ساٿ نڀائي ها ڪيئن مُشڪِل ۾،
جا منهنجي سوچَ کي ويچارَ کي سمجهي نہ سگهي—

خِزان کي پنهنجي اَندرَ۾ سَمائي ويٺي هُئي،
هو اِن ڪري ئي ڪنهن بهارَ کي سمجهي نہ سگهي—

قرار پنهنجو ڪبو پاڻ آ پيدا زاهدَ،
هو بي قرار هُئي قرارَ کي سمجهي نہ سگهي—

سدائين سوچَ ۾ ڪيڏو وَڏو سَفر ٿا ڪيون—
آهيون زمين تي آڪاش پنهنجو گهر ٿا ڪيون—

وفا جي موت ۾ هر شهر وسايا پٿر،
خوشين سان پوءِ بہ آباد هر شهر ٿا ڪيون—

صدين ڪان درد اسان کي چو دربدر ٿا ڪَرِن،
اَچو تہ پاڻ بہ دردن کي دربدر ٿا ڪيون—

انڌيري رات ۾ ڪيڏا وڏا قهر ٿا ڪيو،
غذابَ سَهندي اسان روز نئين سَحر ٿا ڪيون—

وفا نہ جن جي دلين ۾ اسان ڏِسئون زاهد،
ڏِسي اُنهن کي اسان بند گهر جو در ٿا ڪيون—



www.sindhsalamat.com

دوستن ۾ ورهائجي ويا سين—
دلبرن ۾ ورهائجي وياسين—

عشق مان انتها جو لفظ ڪڍي،
چاهتُن ۾ ورهائجي وياسين—

توکي ڏاڍيون خوشيون ڏيڻ خاطر
خواهشن ۾ ورهائجي وياسين—

گهرَ مان نڪتيئن تہ چئوطرف تو لئہ،
چانئَورن ۾ ورهائجي وياسين—

تهنهنجي هر ڳالهہ تي يقين ڪري،
آسرن ۾ ورهائجي وياسين—

شاعريءَ ۾ اَچي اسان زاهد،
عاشقن ۾ ورهائجي وياسين—



www.sindhsalamat.com

ناهي نَشو شراب جي پُر جوش ڏُکڻ ۾—
آهي سُرورُ سارو ساقيءَ جي هَٿن ۾—

ڪنهن مُرڪ متارن کي مَخمُور ڪيو هو،
مَڌُ ۾ تہ مُئل سَڀَ ها موڪيءَ جي مَٿن ۾—

سَسُئيءَ ڪا وتي سُرڪ هُئي پنهنجي پُنهل ڪان،
جيئڻ مرڻ گُهريائين هر حال جَتن ۾—

ڪنهن تاتِ ۾ تڙپي ٿي اناالحق چيائين،
منصور وِيو سوليءَ تي چڙهي نينهن نشن ۾—

رِندَن بہ ڏِني راءِ آ زاهدَ بہ چَون ٿا،
جا مَست ڪندي روحُ سا چُسڪي آ چپن ۾—



www.sindhsalamat.com

گُلن سان خاراٿڪي پيا وٽن سان ڏار اٿڪي پِيا—
ائين ئي اَڄُ الائي ڇو اسان سان يار اٿڪي پِيا—

بنا ڪنهن ڏوهہ جي ۽ بي سبب ڪنهن جي چوڻ تي اڄ،
جگر جاني پرين پيارا مِٺا منٺار اٿڪي پِيا—

اندر ۾ ها مُنافق سي ڏِنا جَن هارَ گُلڙن جا،
ڳچيءَ ۾وِيا آهن پئجي ڳچيءَ جا هار اٿڪي پِيا—

سجائي حُسن وارن آ جڏهن محفل تہ محفل ۾،
سَپِن سُهڻن جا آهن پاڻ ۾ سينگار اٿڪي پِيا—

ڏِسي انداز آئينو بہ مُرڪي پيو محبت ۾،
ڦٽي ڏيندي ڦٽيءَ سان اَڄُ پرينءَ جا وار اٿڪي پِيا—

ڪِري پِيا جاَم هٿڙن مان رَڙي پيا روحَ رِندن جا،
جڏهن ڪنهن چير سان ڇَم ڇَم ڪندي ڇَمڪار اٿڪي پيا—

وَصُل جي آسرن ۾ زندگي زاهد وئي گُذري،
پرينءَجا پاڻ ۾ اِقرار ۽ انِڪار اٿڪي پِيا—



www.sindhsalamat.com

نہ مِلڻ جي ڪا آرزو نہ وڇوڙي جو غم—
عجيب طرحَ سان رشتو ڪري وئي آن ختم—

آ زندگيءَ ۾ خوشي روشني آ جيون ۾،
مَگر نہ منهنجي قدم ساڻ رَهيو تنهنجو قدم—

وِساري چو نہ ڇڏيان ها مان اِتفاق ٿئي،
هُجي ها جي ڪٿي تنهنجو پرين هِڪڙو ڪو سِتم—

نہ جنهن ۾ دل نہ ڪا ڌڙڪن نہ ڪي احساسَ هُيا،
سو مُنهنجو ڪيئن ٿئي ها ڀَلا پٿر جو صنم—

وِڇوڙو ڪيئن نہ ٿئي ها وُجود هڪ نہ ٿيو،
نہ تنهنجو مون لئہ جنم هو نہ منهنجو تو لئہ جنم—

سَهي ٿو زخم جي زاهدُ بيچين تون بہ تہ آن،
نہ مون تي رَحم ڪيو تو نہ پاڻ تي ڪو رحم—



مِٺا اَنب ٿي وِيا ڀَڪا ڏُنگَ ڏوڪا—
اسانجي نہ سانئڻ لڏي سارتو ڪا—

وَري مِلڻ جو ٿئي وَيا موڪلائي،
اڇن شال ٻيهر ڀُڪي سي ڀَروڪا—

صديُن ڪان مُحبت جا قاتل ڪِروڙين،
وِڇائن ٿا راهُن ۾ ڪنڊا ۽ ڪوڪا—

ٻُڏڻ سان اندر ۾ وجن ڏار پئجي،
ڪيو ٿا اسان سان اهڙي ڳالهہ ڇو ڪا—

وَري اَڄُ زماني نوان تيرَتاڻيا،
اجان زخم زاهدَ ها تازا ڀَروڪا—

بي وَسيون پُڪارن ٿيون زندگي ڪٿي آهين—
تون اسان جي جيون جي اي خوشي ڪٿي آهين—

اَڄُ بہ هڪ ڳيي جي لئہ ڪيترين اکيون آليون،
غُربَتُن جي قسمت جي مانِڙي ڪٿي آهين—

ظُلم جي انڌيرن ۾ خُوابَ آٿتون آهن،
ساٿ ڏي اُميدن جي دوستي ڪٿي آهين—

هر طرف جَبُرَ هينيان زندگيون پَيون ٿَڙپن،
مَسجدُن مان نِڪري آ بندگي ڪٿي آهين—

سِنڌُ ديس جا سارا زخم تا گُهرن مَرهَم،
آءُ پَهُچُ زاهدَ جي شاعري ڪٿي آهين—



www.sindhsalamat.com

ڏِنئي جاءِ دل ۾ رَکيُئي جيءَ ۾ جاني—
لڪين قُرب تنهنجا وڏي مهرباني—

آ سُر ساز بڻجي وئي سِنڌُ ساري،
مِلي جَڳُ تہ آ تانَ سان ڪائي تاني—

ٿيون روشنيون اَڄُ اندر جي اڱڻ تي،
آئي چَندَ تان آ پَري آسماني—

مِليو جو بہ تو سان اُهو تُنهنجو تي وِيو،
غَضب جي اٿئي گفتگوءَ ۾ رَواني—

پيئون روز تا سِنڌُ ڌرتيءَ جو پاڻي،
مِٽيءَ مان مِلي روز تي نئين جواني—

چون تا تہ ڪو سِنڌُ ۾ آهي زاهدُ،
جنهنجي شاعري ديس جي آ ديواني—



www.sindhsalamat.com

نظر نظر سان مِلائي خُمار ڏئي وئي آ—
نشو لهي ئي نٿو اهڙو پيار ڏئي وئي آ—

گهٽيءَ گهٽيءَ مان مَهڪ هُن جي پيار جي ٿي اچي،
هو مُنهنجي نينهن کي ڏاڍو نِکار ڏئي وئي آ—

خِزان جو نانءُ بہ هاڻي تہ اڻ ٻُڌو ٿو لڳي،
سَموري عُمرِ لئہ موسم بهار ڏئي وئي آ—

منهنجي وجود ۾ مِنٿڙو سُرورُ جُهومي ٿو،
وڏي سُڪون ۾ آهيان قرار ڏئي وئي آ—

ٻہ تُحفا سَاهہ ۾ سانڍي رَکيا اَٿم زاهدَ،
چپن جو چاهُہ ۽ ٻانُهن جو هار ڏئي وئي آ—



جي ڪنهن جي دل سان سَچو دل جو عشق ٿي ٿو پوي،
ٻَچي سَگهي ئي نٿو قَرب ۾ ڦُسي ٿو پوي—

مَري ٿي روز شهر ۾ ڪائي نئين مُومَلَ،
جنهن سان بہ روحَ جو راڻو ڪوئي رُسي ٿو پوي—

اُتي دُکي ٿا پَون باهِہ جا ڪيئي دوزخَ،
جِتي بہ درد ۾ انسان ڪو دُکي ٿو پوي—

سُتل جي نِندَ ۾ آهي تہ ڳاهجي ٿو پَيو،
پهاڙ ڏاري ٿو آدم جڏهن اُٿي ٿو پوي—

اسان تہ پيار جي حد ئي نہ آ رکي زاهدَ،
جتي بہ دل ٿي جُهڪي سِرُ اُتي جُهڪي ٿو پوي—

**(60)**

شال تذڪار ۾ رَهين راڻا – مان تہ سَحرا ۾ ٿو سَڙان تو لئہ–
تو ڪي ڪو سو لڳي نہ واءُ ڪڏهن – مان تہ ڪاڙهن ۾ ٿو ڪڙهان تو لئہ–

عارضي هيءَ مِلي حَياتي آ– سا بہ ڪيڏي عجيب ٿي گُذري،
روز هر هر پَيو مران تو لئہ – روز هر هر پَيو جيئان تو لئہ–

سِڪ آهي تڏهن سِڪان ٿو مان – ڏُک ڏين ٿو تڏهن ڏُکان ٿو مان،
تون ڪلي چو نہ ٿو مِلين مون سان – مان رڙيون ٿو ڪري روئان تو لئہ–

ڪيڏو تڙپان ٿو تہ بہ نٿو سمجهين– ڪيڏو سياڻو آن تہ بہ نٿو سوچين،
ڪيڏا هِن سنگدل زماني جا – سُورَ صَدمہ پَيو سَهان تو لئہ–

پيار تو سان آ پيارَ تُنهنجي ۾– آسَ آهي اِها ئي زاهد جي،
جيڏا پيرا جنم وَٺان جَڳ ۾– ساهُہ جيڪو ڪٽان تو لئہ–


www.sindhsalamat.com

عجب نيڻ آهن غضب ٿا ڪَرِن–
گهڻن ڪي ٿا گهائن  غضب ٿا ڪَرِن–

نهاري پيئاري جيئاري وَري،
جڏهن ٿا جُهومائِن غضب ٿا ڪَرِن–

سيئي ناز انداز تُنهنجا پرين،
ٿا محفل مچائن غضب ٿا ڪَرِن–

ڪڏهن ٿا ٻَڪن ۾ لڪائن پرين،
ڪڏهن ٿا رُلائن غضب ٿا ڪَرِن–

لِڪي جَن ڪي زاهدَ ڏنم زندگي،
نٿا سي نِپائن غضب ٿا ڪَرِن–


www.sindhsalamat.com

مُحبتَ بہ ڪيئون ٿا تہ سَچائيءَ سان ڪيئون ٿا—
نفرتَ بہ ڪيئون ٿا تہ سَچائيءَ سان ڪيئون ٿا—

ڏئي پيارُ سَچو پَنهنجو ڪنهنجي روحَ ۾ پيدا،
راحَتَ بہ ڪيئون ٿا تہ سَچائيءَ سان ڪيئون ٿا—

جا ڳالهہ اَندَر ۾ آ اُها ڳالهہ زُبان تي،
عِزت بہ ڪيئون ٿا تہ سَچائيءَ سان ڪيئون ٿا—

سِرُ عشق ۾ صَدقي جي ٿِئي ٿو تہ پَلي ٿي،
چاهت بہ ڪيئون ٿا تہ سَچائيءَ سان ڪيئون ٿا—

اَڄُ سنڌ جي دُشمَن کي وِجهئون ڏوڙِ مَٿي ۾،
غيرت بہ ڪيئون ٿا تہ سَچائيءَ سان ڪَيئون ٿا—

منزل تي پُڄڻ لاءِ تہ هر حال ۾زاهدَ
همت بہ ڪيئون ٿا تہ سَچائيءَ سان ڪيئون ٿا—



www.sindhsalamat.com

دَڳن ۾ درد مِلن ٿا بَچي بَچي هَلجو—
سفر ۾ ساٿ ڇڄن ٿا بَچي بَچي هَلجو—

وَٽو ٿا عشق جو رستو تہ راهہ ۾ راڻا،
ڪندن تي پيرَ پَون ٿا بَچي بَچي هَلجو—

جڏهن بہ حُسن تي هِرڪي پَوي ٿي دل ڪنهنجي،
عذابَ سِرَ تي اچن ٿا بَچي بَچي هَلجو—

قَدمَ قَدمَ تي جَلادن جو قيد خانو آ،
لڱن تي لوهہ لڳن ٿا بَچي بَچي هَلجو—

سَمُوريون ماڻِجو زاهدَ عظيم تعبيرون،
اکين جا خُوابَ ڇَون ٿا بَچي بَچي هَلجو—



www.sindhsalamat.com

ڏاڍي ڏور منزل نہ ڪو ساڻ ساٿي جَڏو جيءُ آهي جيئاريون پَيا—
اڪيلي اڪيلي ويڳاڻي ويڳاڻي نِماڻي حَياتي گذاريون پَيا—

نہ ڪائي خوشي آ نہ ڪا روشني آ اڌوري ڏکي ۽ رُکي زندگي آ،
اڃان چئني پاسن کان آهي انڌيرو اڃان پاڻ کي پاڻ ٻاريون پَيا—

تون سائين اسان جو سهارو بہ تون آن سدائين اسانجون اُميدون بہ تو ۾،
ويهي روحَ جي راهہ ۾ روز راڻا رُڳو واٽ تنهنجي نِهاريون پَيا—

اوهان ميت مُنهنجا اوهان گيت مُنهنجا اوهان راڳ سُرَ سازَ سنگيت مُنهنجا،
اسان پاڻ ڪوجها ڪِنا ئي صحي پر اوهان کي سينگاريون سَنواريون پَيا—

سفر مَنجهہِ زاهدَ کي راڻا ٿا گُهرجَن نِجا نينهن سان پُر نِماڻا ٿا گُهرجن،
جيڪي پاڻ کي پاڻ جَهڙا لڳن ٿا اُنهن کي اَندرَ ۾ ويهاريون پَيا—


www.sindhsalamat.com

ڪائنات ۾ تخليق جو شاهاڪار آ عورت—
هر ديس جي ڌرتيءَ جو سينگار آ عورت—

جي پيڻ آ تہ ياءُ تان سِرُ گهورَ ٿي ڪري،
جي ماءُ آ عظمتَ سَندو مينار آ عورت—

دل ۾ جي ويهاري تہ سَنواري ٿي زندگي،
ناتو سَچو رَکي تہ نِجو پيار آ عورت—

آدم سِوا حَوا جي مُسافر هو رُڃَ جو،
آدم جي دل جي باغ لئہ بَهار آ عورت—

تاريخ شاندار آ عورت جي ساڻ سان،
هر انقلاب جو وڏو ڪِردار آ عورت—

عورت بنا اڌوري سَڄي ڪائنات هُئي،
زاهدَ سَموري سُونهن جو سَنسار آ عورت—


www.sindhsalamat.com

ڪُونجَ نِماڻي ڪيتي بَندَر جي راڻي—
تون آن مُنهنجي مَن جي مَندر جي راڻي—

مُنهنجي روحَ کي پنهنجين مِنٿين مُرڪن سان،
مَندَ هنيا ٿئي جادو جَنترَ جي راڻي—

سو گهرُ سُندر ڪيڏو ڀاڳن وارو آ،
جنم وتوٿئي جنهن گهر ۾ گهرجي راڻي—

پنهنجي سِرَ جي پوتيءَ جي عِزَتَ رَکجانءِ
ساهَ سيباڻي مُنهنجي اندرَ جي راڻي—

سادي آن پَر پَنهنجي سَڱ سان سَچي آن،
پنهنجي ور سان ٺهندي آن ور جي راڻي—

سَسُئي، سُهڻي، مومَل، مارُئيءَ جَهڙي آ،
زاهدَ لاڙ اُترڪاڇي ٿر جي راڻي—



نانءُ ٽُنهنجو لِکيم دِل مَٿان ساري دُنيا وِساري ڇَڏيَم—
تو ڏنو پيار جو آسرو ساهُه تنهنجي سهاري ڇَڏيُم—

مون ڇَيو پيرَ سوري پرين قُرب ڪر آءُ اوري پرين،
تو ڇَيو بيهُه ٿورو اجان عُمرِ ساري گذاري ڇَڏيَم—

مون ڇَيو تو سوا ڪيئن جيئان تو ڇَيو چو اَڇان چو اَڇان،
تنهنجي اِنڪار پويان پرين جان ڳُڻتين ۾ ڳاري ڇَڏيَم—

عشق تو کي مون آڇيو جڏهن پيرُ مون ڏي تو پاتو تڏهن،
ساهَ جي سِيج توکي ڏئي جيءُ پنهنجو جيئاري ڇَڏيُم—

تنهنجي هر ڪا خوشي او مِني ٽُنهنجي زاهدَ جي آهي خوشي،
لُڙڪ تنهنجي اکين ۾ ڏِسي پنهنجي مُرڪن کي ماري ڇَڏيُم—

راتِ رولي نہ ڇڏي راهہ پُڇڻ بہتر آ—
ماتِ ماري نہ ڇڏي يارَ ڪُڇڻ بہتر آ—

زندگي ساهہ مَٿان بارُ بڻي بيني هُئي،
هاڻي تون جيءَ ۾ جيئارين ٿو جيئڻ بہتر آ—

ڏور مَنزل آ سَفر دَردَ جو صحرائُن ۾،
مُنهنجي پاسي ۾ پرين تُنهنجو هُجڻ بہتر آ—

جام آڏو آ پرين جامَ پُٺيان جنگ بہ آ،
اِن ڪري جامَ مَٿان جام پيئڻ بہتر آ—

سَچُ سَمجهان ٿو تہ مسجد ۾ وَڃان ڇو زاهدَ،
پنهنجي مئخاني ۾ سَرمَست رَهڻ بہتر آ—



سُڪونَ جي تلاش آ سُڪون آ ڪِٿي—
اڇو تہ گڏ هَلئون اُتي سُڪون آ جِتي—

جَنَم جَنَم سِتم سِتم سَهن ٿا ساهڙا،
قدم قدم تي زندگي عذاب آ هِتي—

اڪيون گُهرن ٿيون آس ڪان قرار ديس جو،
ڇو درد هي ڇڏن ئي نٿا پنهنجي ديس کي—

اُهو سماج آهي پنهنجي عشق جو سبب،
جتي نہ ڪو چنگيز ڪنهن بہ چاهہ کي ڇِٽي—

هُجن تہ جيءَ جيءَ لئہ وڏيون خوشيون هُجن،
وَٺي تہ هر ڪو ساهُ سُڪَ جون گهڙيون وَٺي—

دوستن جا دلبرن جا ـ گهر سدا وسندا رهن
منهنجي منٽن جي اڱڻ تي ـ مور شَل نچندا رهن

سونهن ۾ سُرهاڻ سان گڏ ـ سنڌ جي ڌرتيءَ مٿان
مُحبتي ماڻهن جا ميلا – موج سان مچندا رهن

نفرتن جا گند ڪچرا – باھ ۾ ساڙي سيئي
پيار وارن پيچرن تي – پيرڙا ڪچندا رهن

هر پهر نئين عيد آهي – دل وارن جي ديس ۾
روح روحن سان ٿا رلجن – رنگ ٿا رچندا رهن

اڄ تہ زاهد رات ساري – جُهومندي محفل سڄي
سُر ۾ گيتن ساڻ گڏ جي – ساز ٿا وڄندا رهن



عشق سُرن جو آهي اعليٰ–
سَرگم جا سَت رَنگ نِرالا–

سا قائم سُر سِرَ جو سائين،
ري ريکبُ آ راڳ جي مالا–

گا گنڌار گُلاب جو گُل آ،
ما مڌم آ مَئہ جا پِيالا–

پا پنچم سان پيار آ پنهنجو،
ڌا ڌيوتَ سان جيءَ جَمالا–

سُرَ گُرَ ساز آواز سان آندا
ني نِکات عجيب اُجالا–

ساري گا ما پا ڌا نِي سا،
زاهد ساهَہ ۾ سانڍِ الا لا–

نهايت ئي ذهين تخليقڪار زاهد شيخ کي ننڍي ڄمار ۾ ئي سنڌ واسين کان جيڪا ڀرپور ۽ والهانه موٽ ملي آهي اها ان عمر ۾ شايد ئي ڪنهن نوجوان شاعر کي ملي هجي. سِنڌُ واسين پاران مليل اهو پيار، اها ميڃتا ۽ اها پنهنجائپ يقينن زاهد شيخ جي جيون جو انمول سرمايو آهي.

زاهد شيخ جي شاعريءَ جون هونئن ته ڪيتريون ئي خاصيتون ۽ خوبيون آهن. ڪيترائي رخ ۽ پاسا آهن. ڪيترائي رنگ ۽ روپ آهن پر ٻه خوبيون زاهد شيخ جي شاعريءَ جون نهايت ئي سگهاريون ۽ نروار آهن جن جي ڪري ئي هو تمام جلد خاص ماڻهن سان گڏ عام ماڻهن جي دلين مٿان به راڄ ڪرڻ لڳو آهي. اُهي ٻه پهلو آهن هڪ انقلابي ۽ ٻيو رومانوي زاهد شيخ جي شاعري ٻڌندي ۽ پڙهندي ائين لڳندو آهي ڄڻ اها رومانس ۽ انقلاب جي خمير مان ڳوهي وئي هُجي. گهڻي شاعري ڪرڻ به هرويرو سٺي شاعر جي سرٽيفڪيٽ لاءِ ضروري ڪونهي. ٿوري ئي شاعري هجي پر معياري هجي. زاهد شيخ اُهو سُريلو شاعر آهي. جنهن جي شاعريءَ جي Quantity به وڌيڪ آهي ته Quality به اعليٰ اٿس. سندس شاعريءَ ۾ موسيقيت به آهي ته اثر به. زاهد شيخ نهايت ئي باصلاحيت نوجوان آهي جنهن شاعريءَ سان گڏ موسيقيءَ ۽ گائيڪيءَ جي دنيا ۾ به پنهنجو نالو ڪمايو آهي. سندس هي شعري مجموعو سٺي ۽ معياري شاعري پڙهڻ وارن لاءِ هڪ تحفي کان گهٽ ڪونهي. سهڻي سادي ۽ عام فهم ٻولي- ماڻهوءَ جي اندر جي احساسن جي ترجماني ڪندڙ ٿي لڳي پياري زاهد شيخ جي شاعري.

ڪوثر ٻرڙو

ڪراچي





سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊيجيٽلائيزيشن ۽ پڪيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو ڪيو آهي ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ مشاهدن کي ڪي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن جن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي پر اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو پورو ساٿ نڀائيندا.

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book